گلزار احمد

مصنف:

مولانا حاجي احمد ملاح مرحوم

ڇپائيندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ

مولوي عبدالله جوڻيجو

بدين (سنڌ)

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان ”سوره“ ميرائي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

گلزار احمد

مصنف

مولانا حاجي احمد ملاح مرحوم

ايڊيشن ٣] سال ١٩٧٤ع [تعداد ٢٠٠٠

ڇپائيندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ

مولوي عبدالله جوڻيجو

بدين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مرتب جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

قيمت ٢-٥٠

هيءَ ڪتاب حيدري پرنٽنگ پريس، لجپت روڊ، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ مولوي عبدالله جوڻيجو ڇپائي، بدين سنڌ مان پڌرو ڪيو.

Scanned with CamScanner

پيش لفظ

"گلزار احمد" ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن پڙهندڙن جي خدمت ۾ حاضر آهي، مولوي حاجي احمد ملاح جي شعر کي روشناس ڪرائڻ ۾ هن ڪتاب کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. اهوئي ڪتاب آهي جنهن ۾ مولانا موصوف جي شاهڪار شعرن کي جمع ڪيو ويو آهي، ۽ هن چونڊ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته احمد ملاح جي شعر تي ڇپيل ڪتابن مان مقبوليت جي لحاظ سان هي ڪتاب اول نمبر تي رهيو آهي. هن نئي ڪتاب ۾ "سگهڙي سچائي هاڻ ڪيئن" ۽ ان جو جواب، "پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن" وڳهه ڪوٽ ۽ عمرڪوٽ جي عظمت تي به لاجواب نظم، ڪوئٽا جي زلزلي بابت مشهور نظم "اڪيون ڪول انسان هڪ منٽ ۾" "مولا مينهن وساءِ" ۽ "وچڙيون وار واري بي ولهار" "مهر ڪر مهراڻ جهل" سهٽيءَ جي بي مثال مدح، مارئي بابت ٽيهه اکري، واهه ماني مير جي ۽ مغربي تهذيب ۾ مزاحيه نظم، ۽ مون "مٽيءَ جي مٽ مٽي" هڪ رقت آميز نظم کان سواءِ ۴۰ چونڊ غزل شامل آهن. انهن مان هر هڪ غزل توڙي نظم، مدح يا ٽيهه

Scanned with CamScanner

اڪري شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا، مون کي خوشي آهي، ته هن ڪتاب مولانا موصوف جي شعر کي پکيڙڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ڪتاب جي بي مثال مقبوليت سبب مون کي حوصلو عطا ٿيو ۽ پڙهندڙن جي قدر دانيءَ سبب آئون ٻيا ڪتاب "گلشن احمد" "بياض احمد" "هيڪڙائي حق" ۽ "ديوان احمد" شايع ڪرائي سگهيس. جيڪڏهن پڙهندڙ "گلزار احمد" ڪتاب کي پسند نه ڪن ها ۽ منهنجي همت افزائي نه ڪن ها، ته آئون ڪڏهن به مٿيان ڪتاب شايع نه ڪرائي سگهان ها. انهيءَ لاءِ آئون پڙهندڙن جو شڪرگذار آهيان، جو انهن جي قدر داني ۽ تعاون سبب هيءَ ادبي ڪم سرانجام ڏنو آهي. ضخامت کي ڇڏي جيڪڏهن مواد کي ڏسبو ته هي ڪتاب لاجواب چيز آهي. اُميد ته پڙهندڙ دستوري دلچسپي ۽ قدر دانيءَ جو مظاهرو ڪري منهنجي اشاعت جي شوق کي همٿي ڏيندا ته مشڪور رهندس.

— مولوي عبدالله جوڻيجو.

تعارف

سنڌ جي بي مثال شاعر ۽ عالم مولانا حاجي احمد ملاح مدظله جن جي نام نامي اسم گرامي کان سنڌ جو ٻچو ٻچو واقف آهي. سندس لاجواب ۽ عوامي شعر انهن سڀني هنڌ، پهچي چڪا آهن، جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ درسي ڪتابن ۾ به چونڊي آندا وڃن ٿا، ۽ اها شاعراڻي تعلي ناهي، مگر بجا فخر آهي، جو شاعر جي زبان کان عوام جي ترجماني ڪري ٿو ته:

شعر "احمد" جو اسان کي آهه ويٺو منجهه وجود،
نت ڳلي ۾ هر ڳوٺ ۾ ڳالهيون گهڻا ڳائين پيا!

مولانا صاحب جي شعرن جو اگرچ مکيه مقصد اسلامي اصولن ۽ تعليم جي تبليغ آهي، جا انهن شعرن ۾ موقع به موقع پاڻ آڻيندا آهن جي مذهبي نه هوندا آهن، پر انهن شعرن کي ملاحظه ڪرڻ بعد وري جڏهن سندن عشقيه شعر کي ڏسجي ٿو ته تعجب ٿو وٺي ته هن صنف ۾ به پاڻ يڪتا آهن ۽ اهڙيون ته عمديون تشبيهون مؤثر جذبات ۽ جمال نگاري پيش ڪيل آهي جو پڙهندڙ حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو ته هڪ ئي هستي ٻن نرالن پهلوئن تي اهڙي نه ڪامياب طبع آزمائي ڪري ڏيکاري آهي، جا سڀڪنهن جي جاءِ ناهي! بمصداق:

هر هوسنا کي نه داند جام و سندان باختن!

Scanned with CamScanner

جيئن دستور آهي، اهڙا باڪمال بزرگ پنهنجي ڪلام کي شايع ڪرڻ جي ڀاڻ ڪوشش نه ڪندا آهن ۽ انهي جو گهڻو حصو رائيگان ويندو آهي، پر ڏڻي تعاليٰ شل دارين ۾ درجا عطا ڪري، سندس هڪ نيازمند مولوي عبدالله صاحب کي، جن سندن حياتيءَ ۾ئي هن نيڪ ڪم کي سرهي ورتو ۽ سندس گنجينهٔ گوهر کي گڏ ڪري شايع ڪرڻ ۽ عوام تائين رسائڻ جي مهم شروع ڪئي آهي، ۽ اميد آهي ته ڀاڻ انهي ڪم کي پايهٔ تڪميل تائين رسائي ويندا. مگر جيئن ته مولوي صاحب جي بچت محدود آهي، جنهنڪري ڀاڻ ننڍا ننڍا حصا ڪري شايع ڪري ٿو، پر مقبوليت جي اها حالت آهي، جو هڪ حصو ٿو شايع ڪري ته نيون ڪٿو پيو آهي، چنانچه هي حصو 'گلزار احمد' جو اوهان جي هٿن ۾ آهي، سو به اڄ نيون دفع شايع ٿئي ٿو.

شل ڏڻي تعاليٰ مولوي عبدالله صاحب کي اهڙي توفيق عطا فرمائي، جو ڀاڻ هن نيڪ ڪم کي جلد سرانجام ڪري سگهن- آمين!

مولانا صاحب جو هڪ قديمي نيازمند

م٠ع٠ ڏيپلائي

گلزار احمد

ڀاڳو ڀهريون

غزل (۱)

آهه هر احوال ۾، الله اڪبر کي عرض،
پيش پرور پاڻ پر ۾، پر نه ڪنهن ٻئي کي عرض.
قرب مان قربان تنهن تان، جو قريبن کان قريب،
غير حاضر هٿ نه ڏئي، هر جاءِ حاضر کي عرض.
جو ڏسڻ کان ڏور ٿيو، تنهن کان پنان ڏينهن رات ڏات،
ناهه ڏم، دربان يا ديوار ۽ در کي غرض.
مير مرسل مصطفىٰ، معلوم ميڙئي ڪاريوم،
ناهه سيوا، رب سوا سونهي نه ساتر کي عرض.
ڪير ٻيو قوّت نه ڏئي، يا قوت ۽ ياقوت ڀڻ،
قوت قوّت جو قوي، قيوم قادر کي عرض.
ڪالهه جن جون ڪورڙيون، سي اڄ ٻڌن ڪنهن جي نه ڪوڪ،
سو دعا توئي ڪرين، سلطان سنجر کي عرض.
ڀر وڏو ۽ بار ڀرسن، ڀروسو باريءَ مٿي،
راهبر ٿي روح ۾، رحمان رهبر کي عرض.
ڇٽي احد، 'احمد' وري گهوڙا! گهڻن کان ڪيئن گهران؟
هيڪ کي اس، هيڪ کي بس، هيڪ داور کي عرض.

Scanned with CamScanner

غزل (۲)

سؤ شڪر صاحب سندا، سردار آيو منجهه عرب،
حمد هاديءَ کي، هنئين جو هار آيو منجهه عرب
ڪل نبي جنهن اور جون، خبرون ڪندا ويا خلق سان،
سو سچو سيد، ڪري سينگار آيو منجهه عرب.
شاهه سهڻيءَ شڪل سان، شافع شفيع المذنبين،
سَرِڪ ساري سلڪ جو، مهندار آيو منجهه عرب.
بي بها دُر، او بهادر، بي مثل، بالا بشير،
هر دو عالم جو اجهو، آڌار آيو منجهه عرب.
سُهڻو مڙني مرسلن، محبوب مشفق مهربان،
مير مرسل مصطفيٰ، مختيار آيو منجهه عرب.
جِن سلڪ ماڻهو ميڙن ۾، ايءَ مبارڪ ٿي ملي،
هوت حضرت هاشمي، هوشيار آيو منجهه عرب.
پئو آها عالم سڄي تي، ٿي آئين ٻوٽين ۾ عيد،
دوست دلبر دلربا، دلدار آيو منجهه عرب.
ڪوٽ ڪِريا ڪفر جا، ڪرڪيا ڪفارن ۾ پيو،
ٿيو ڪَهيوَن "هيءَ ڪير ڪلنگيدار آيو منجهه عرب؟"
هو اڳي اڱوان ڪان، عالم سڄي اونده هيٺ،
اوچتو نوري نِڪٽ، نروار آيو منجهه عرب.
مهند محمد مير کان هو، ملڪ موجن ۾ ملول،
تان وٺي ترهو طرف، تيڪ تار آيو منجهه عرب.

Scanned with CamScanner

هو گهٽين وانگر سڀ اڳي، ڪس ڪنان ڪمرهه جهان،
پوءِ سُنهون ٿي ڪاڻ سڀ، سردار آيو منجهه عرب.
ملڪ سارو سوڪ ۾ هو، اڳي ڪنان جانيءَ جناب،
تان ڪڪر رحمت ڪري، ڪَس ڪار آيو منجهه عرب.
هڪ طرف ڪجڪاهه ڪوڙين، ٻي طرف ڪنوٽين جا ڪيل،
لامي بادل بوند، بارو ٻار آيو منجهه عرب.
ٻر وڻا ۽ ٿر وڻا، سر وڻا، اوسر لڏا،
مينگهه مينهن مانداڻ سين، مٺيهار آيو منجهه عرب.
ساوڪون صحرا ڏسي، ٿي يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ ياد،
سڀ جماعت سان جڙي، جنسار آيو منجهه عرب.
سند سڙوٽي مينهن جي، جنهن ڏم وسي تنهن ويل وَس،
لاٿي ڇهڙوڙ جابجا، جونجهار آيو منجهه عرب.
آهه آءُ ٻن عالمن جو، اول ۽ آخر امام،
ڪين ڪو ڇڪي رڳو، ڇوڏار آيو منجهه عرب.
ٿيو ملاقي سان مالڪ، مصطفيٰ معراج رات،
دم اندر اوٿها ڏسي، اسرار آيو منجهه عرب.
خوبصورت خلق ۾، جهڙس نه خلقيو ڪٿ خدا،
آءُ امانت جو اَصل، اظهار آيو منجهه عرب.
آسيون "احمد" رکي، آخر هليو ٻاسي عجيب،
ٻير ٻنبٽين سان ڪري، ٻنار آيو منجهه عرب.

—

Scanned with CamScanner

غزل (۳)

اڄ نہ ھسجن ھيت پيارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا،
دل ڏکي ديدار ڏاران، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
ھن ھالاڻي جو ھئُل ٿيو، آھ نھوڙيس ننڌ اياڪ،
سات سنيراڻي سوارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
سور سي ڪنھن ھنڌ ساميھان، سک نہ ساعت ڪٿ اچيم،
ليڻ نئين سج ٿيا نھارا، دوست ڪنھن ھئي ديس ويا.
پيم دانھون داڻھن دل ۾، درد دوريءَ جي ڪنان،
سر پريم ھارڻ پيارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
او سڄا ساجن سوا چَٽ، او ڪنون خالي رھڻ،
او سڄا آتڻ اوتارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
او مٺي ڏيہ ڏينھن رانيون، او ٽين سانجھي صبوح،
آو ڪتيون سج چنڊ تارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
آو ملارن جون منڊون، آو ميگھہ نت ماندائيون،
آو وھن نئي منھن نارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
آو ڪينون جا ڪيل ڪڻ تي، گوڙ جا گجگاھہ ھو نَ،
آو ڪرڪن ويس ڪارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
آو ترايون تار تاريون، آو سندي تاڙن تنوار،
آو تماشا طرح وارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.
آو سونھن ساوڪ مٺي، مينھن جا ڦڙا موتين مثال،
آو وسڻ بوندون بھارا، دوست ھئي ڪنھن ديس ويا.

Scanned with CamScanner

آءُ ڦٽن گلزار ۾ گل، آءُ چنبيلين منجهه چمن،
آءُ سنڌا نرگس نظارا، دوست ٻئي ڪنهن ديس ويا.
لٽون لڪي لالہ سندي، سا لوڪ ڏسندي ڪا لهي؟
قرب ڏيئي ڪامل قرارا، دوست ٻئي ڪنهن ديس ويا.
هاڻ ان هاڃي ڪنان، هي هي! ڪريان هيڪار جي،
تان پون ڏونگر ڪي ڏارا، دوست ڪنهن ٻئي ديس ويا.
هو ڏيهاڙي ڏور ٿيا، آئون تہ ڏسڪان هنڌ ڏسيو،
ٿيا مٿي مون ماڪ مارا، دوست ٻئي ڪنهن ديس ويا.
آڻ "احمد" ڇئي وري، آڪا! وطن ۾ او عجيب،
جيءُ ڇڇي ساجن سونهارا، دوست ٻئي ڪنهن ديس ويا.

—

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

غزل (۴)

اڄ اجل جي ٻار ڪان، اهڃاڻ آيا اوچتا،
هوش جنهن جي جان جيءَ، جيرا ڄلايا اوچتا.
هل اٿي هاڻي ۽ ويهه، اي سڄڻ هنگامو هڪل،
ڪوڪ ڪالداري الهي، ڪُل اڳ ڪنبايا اوچتا.
هي نه ڪوٺاري له قاصد، هي اهو قابض قهار،
لاهي ڪٽ تان خان ڪٿين، ڪيهه ۾ ڪهايا اوچتا
هي نه اعرابي ڪو آيو، هي اجل ارواح گير،
راءِ چني راڻين ڪنان، رڃ ۾ رهايا اوچتا.
آهه ڪنهن حيلي جيڻ، هڏ هاڻ، تنهن هوڪو هنيو،
جنهن آهي تختا آڇت، اڙٻنگ آڻايا اوچتا.
هي نه ماڻهو مورهين، هي ٿيو آهو ماري مَلڪ،
سيج جا سمهندڙ جنهين، سيج ڏي سڻيايا اوچتا.
ڇٽ هٿي ڀت تي، ڪيائين شهر بازاريون سڃا،
لاهي گادي تان ڳهٽا ئي، ڳل ڳمايا اوچتا.
ٻيءَ ٻنن ڪي ٻاڻ ۾، ورهن جا ڏولائا ڏنئين،
ور ڇنين ولين ۾، واويلا وڄهايا اوچتا.
اجل جي آبتين اکين ۾، ٿهر جون ڪاتيون رهن،
ڪرز ڪان وڌ ڳهور تنهنجيءَ ڳهوٽ ڳهايا اوچتا.
موت آيو ڪين موٽي، ڏي نه مهلت ڪا مهل،
ملڪ ڇلڙي ويا محل ماڙيون، ميلڪ مايا اوچتا.

جهور ڀنيج ٻت ۾ ڀڻي، ايڏو اچي ڀيڙو اسان،
سڏ ڪري ڏنڙم سفر تي، سور سعيا اوچتا.
مي مرادون سڙ اچا، ٻوريون نه ٿيون، تان ٻور پيا،
سيج پٿراٽيون پلنگ، پنبٽين پسايا اوچتا.
نااميديءَ جا لڳا نعرا، نغارا نوبتون،
غم وجودآ منجهه ويهي، واڄٽ وڄايا اوچتا.
ڦير ۾ آيا ڦکر، فوجون فراق موڪليون،
درد دهشت ساڻ دل ۾، دم دمايا اوچتا.
چاڪ چيڪيا چيت اندر، چورڻ ڪان اڳرا چور ٿيام،
ٻهر پوئيون ٽيو پسهه ۾، پيچ پايا اوچتا.
ڏڙ ڏڪي ويا ڏوڙ ۾، باقي ڏٺيءَ داني رهيام،
پٽ اندر پوري ورِيا، پنهنجا پرايا اوچتا.
سال ٿيا سيج ۾ رهي، سارون ان ڪنهن سانيءَ لڏيون،
خواه وٺي تربت وڻان، واڏون وڏايا اوچتا.
ويو هلڻ دم هرڪوئي، ڏيندي حقيقت حال ايءَ،
سڀ سڏائي مرد آهون، ٿيا سڏايا اوچتا.
ڪن ڪي سرهائي سفر ۾، سخت سمجهيئون هي جهان،
ڪن مرڻ جي سهل ڪئين ماتم مچايا اوچتا.
خاڪ ۾ ٿئي خاڪ ٿيندا، خان ۽ خاقان ڪل،
اصل جا آهن اصل ۾، اصل رايا اوچتا.
اي سخن "احمد" ٻڌي، عاقل پيا ارمان ۾،
منجهه اکين آڪم ڪري، تن آب آيا اوچتا.

—

غزل (٥)

نيڻ آيا ناز ۾، ڦهري سندن قانون ٿيا،
گلبدن جي ڪهور جا، غمزا ته گوناگون ٿيا.

هڪ سڄڻ صورت جو سهڻو، ٻيو سينگارئين سينڌ سنئين،
ڏيو ڪلي جيئن نيڻ ڪٿين، تان خلق ۾ ڪئين خون ٿيا.

قوت، قوت قلب ڪارڻ، جن ڪهوريو ٿي ڪهور ڪان،
منهن چڙهي ميڪان جي، سي ماڳهين معجون ٿيا.

جن سدا سچ چيو هو، سمجهيو نه ثاني سونهن ۾،
سي ٻسي منهن محب جو، مجني مثل مجنون ٿيا.

صاف سڪ ۾ ساهه ڏنائون، سالڪو نه ڪيائون ساهه جو،
ويئي نه محبت سور، توڙي محبتي مجنون ٿيا.

شعر "احمد" شعر آهي، شعر جهڙا شاعرن،
ڪنهن جي محبت سان مگر ما ڪيان مٿا مضمون ٿيا.

—

غزل (٦)

نه ڄاتم مون وڃان ويندين، ته لالن! لنئون نه لايان ها.
مٿن جي موڪلائڻ کان، مان مهندئين موڪلايان ها.
هلي وس جي مقدم هڪ وار، وارڻ يا وهارڻ ۾،
ته ڪوهن تان ڪنوائن کي، جبل جها ڪي جهلايان ها.
مٺا محبوب! تو ڪاڻ ٻوهه، مرڻ جي، جي هجي موڪل،
ته راڻن لاءِ رائين جيئن، جسم جيڙري جلايان ها.
وڇوڙءَ وانگر وڇوڙي ڪو، وهائيم سول سيني ۾،
ولڻ سان جي وري نڪري، ته ور ور ڏيئي ولايان ها.
سڄڻ تنهنجون سڪون مونکي، لهن جي لوڪ کي ڏسندي،
ته اکين آبرو البت، ٻسي ٻريون ٻلايان ها.
نبيري نعمت الله سان، نفيسن نينهن جو ناتو،
اهي ها، ڪو اتان "احمد"، ته البت ڪجهه آلايان ها.

—

Scanned with CamScanner

غزل (٧)

ناز سان تنهنجو نهارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب،
گهور ڏئي، گهونگهٽ ۾ گهارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
منزلن مهتاب جي جيئن، منهن ڏڻ جي ماڳ ڏار،
برج جيئن برقعو ٻيهارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
رات ـ ڏينهن جا پهر هورا، هر هيارا هل اندر،
سج اڀرڻ، سج الهارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
سج ڪڪر ڇيري چڙهيو، يا چنڊ چوڏهين راسيو،
هوش منهن تان ڀول! ڀارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
واه جو سينگار صورت، سينڌ تان سوڌي هٿي،
گل مٿان سنبل سنوارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
حوض دريا حسن جي وچ، حوض سامهون موج هيٺ،
نقش نيلوفر اتارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
بي غرض هر ۾ ٻيهاريئي، هو عرض پر ۾ ٻيهار،
داد جو دستور ڏارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
دشمني يا دوستي هئي، ڏيس وارن سان درست،
هر مسافر مفت مارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
کوه زم زم جو زنخدان، لعل لب آب حيات،
هر له پانڌين کي پيارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.
منهن سڄڻ سج صاف "احمد" آسامهون الڏ لٿ،
ته به اکين مان آب هارڻ، آهه اي ڏاڍو عجيب.

—

غزل (٨)

١- مست مستو مست، مستو مست، مَن مستان مست،
مست مستو مُلڪ سڀ، مسجد مڙهي ميخان مست.
تار تازي سان ترايون، هر طرف تاڙن تنوار،
مست گل گل، مست بلبل، باغ ۽ بستان مست.
مست ڪرڻن لاءِ ڪوُٽي، مست ڏس چنڊ تي چڪور،
مست شعلن ۾ شمع، ٻر ۾ پڇي پروان مست.
مست مجنون، مست ليلىٰ، مست قاضي قهر ۾،
مست ساهڙ، مست سهڻي، مست سنڌ مهراڻ مست.
دل لڳي، تهدل تڳي، منزل پڳي، محفل لڳي،
مست ساقي، مست ساغر، ساز ۽ سامان مست.
هر حسن، هيرا هزارين، هنج هرڻ، حور و پريون،
ناهي جي ۾ جاءِ ڪنهن، تو لاءِ جاني! جان مست.
کهم سچو سنسار سچا، پر سچي مون سچ نہ چنڊ،
حسن تنهنجي ڪيو هٽي، هَي هَي! هنيون حيران مست.
عمر ساري، انتظاري، آهي "احمد" کي عجيب!
آهہ تہ قدمن تان ڪري، قربون ٿيان قربان مست.

—

غزل (٩)

مُلڪ تنهنجو ڪو مٿاهون، اي مسافر! موٽ موٽ،
خان خاني ڏالهن ويندي، ناهي خاصي ڪوٽ ڪوٽ.
ڏوهه ڏه ڏه ڏينهن ۾، پر ڏيه جي ڏاتار ڏانهن،
تپ، تنگي، تڪليف ري، تو کي بدن ۾ ڏوٽ ڏوٽ.
جي ڇٽي جبار ڪوٺي، تنهنجي جيءَ ۾ تان به جي،
در ته ڇڏئين ڏاريين جو، خواه ڇونئي ڦوٽ ڦوٽ.
مانڊ سڀ موجود تو وٽ، واهه! جهڙي وٽ ولهار،
مُنڊ ميان! مٺيو وڃي ٿي، جلد جوڙو جوٽ جوٽ.
ڪهڙا ڪيهر ٿيا، ڦهري اجل جو قوت سڀ،
مانهه سهندو کهوٽ! تنهنجو، ڪوٽ هي ڪچوٽ چوٽ.
چيڪ مهارون ميندرا! پائين ته مومل ماڙيان،
قبر ڪٺو ڪفن تي ڪري، تون ڪهرالهيءَ جو کهوٽ کهوٽ.
دوست، دلبر ڏار ٿيندا، ڏوڙ واري ڏڙ مٿان،
سخت سارج سو سفر، سچ جو سيناٽو سوٽ سوٽ.
اڪ ٻرا الڪا ڪهڻا، "احمد"! آجهو ڳولي لڏوم،
ڏينهن قيامت ۽ قبر ۾، آهي ڪلهون ڪوٽ ڪوٽ.

غزل (۱۰)

موهن موڙي مون ڪنان، ڪيو محب واري هيٺ اڄ،
آهه لطر ڏانهس ڪريان، نازڪ نهاري هيٺ اڄ.
هيٺريون سالون سلامت، هو امان جو ڏيه اڳ،
تنهنجي ماڻن ڪان مگر، پيو ملڪ ماري هيٺ اڄ.
بخت وريو پون سندو، جنهن تي قدم ڀاتو قريب،
ڏڙ ڏفن منهنجو ٻه هئي ها، ڏوڙ ڏاري هيٺ اڄ.
منجهه گلي ٻيٺا گلن تي، ويس اهڙي سان وار،
نانگ ڪارا ڪر رهيا، چنڊ جي ڪناري هيٺ اڄ.
مڪ ڦٽايم سور نٿين، ناهي پرائي ڪي پچار،
لوبنو نيزا ونئي، نازڪ اظاري هيٺ اڄ.
مهند تو ڪان مُحب! هٿا، هن ملڪ ڪان وڌ ملڪ ٻيا،
ٽيي سڄڻ سامائي تنهنجي، سنڌ سڌاري هيٺ اڄ.
سج لٿو سانجهي ٿيئي، تارا ڪٿان تاري طرف،
هوت هينئڙي ٿار هوندم، هن ستاري هيٺ اڄ.
ڪوڙ جو، لاچار ڪهڙو، سڻ وڏان مون صاف سچ،
دين جو ديدار ماڻيم، ڪفر ڪاري هيٺ اڄ.
محب منهنجي ساڻ پيو ڪو، ناهي شاهيءَ ۾ شريڪ،
آهي سارو جڳ سڄو، ساڄن سونهاري هيٺ اڄ.
غم رسيو غمزن منجهان، گهنڊ گهور سان گهائي وڌم،
منهن انبوريءَ جي چڙهيو، "احمد" اشاري هيٺ اڄ.

غزل (۱۱)

موڪلائي مون پرين، مونکي، محب! ماري مَ وڃ،
مچ مجازن جا مٿم ٻرٻر، ٻيهر ٻاري مَ وڃ.
مونکي صحبت تنهنجي مٺڙا، آهي صحت ساه لئي،
ڪڏ گهڙيون گهاري گهنگهر جا، ڏينهن ڏيکاري مَ وڃ.
منهنجي مارڻ لئي مڪر آهين، صباح سنبريو سفر،
پرڏيهيءَ سان پر اِها، پرمل پرين! پاري مَ وڃ.
مچ منت مسڪين جي، محبوب! ماڻا ڪيم ڪر،
ناز نيڻن ڪي ڏياري، ڳهر ساڻ ڳاري مَ وڃ.
مَنَ نه ڳنڍيين جي مٺا! مون محبتي محتاج سان،
ته به حڪومت تي هلي، هيڏو حشر ڪاري مَ وڃ.
رهه اسان جي راڄ ۾، راڻا! ٻه-ٽي ڪي راتيون،
سڪنديون سڪرات ۾، ڍوليا! ڇڏي ڍاري مَ وڃ.
ونهي پرين! تان ٿين پورا، منهنجا پويان هي پساهه،
واڳ ويراڳيءَ تان اڳ، وو وو! سڄڻ! وار مَ وڃ.
دوست پڄندم دم الهيءَ دم، دفن ڪيو دلبر! وڃيم،
منجهه جنجل جيڙي وجهي، جانب! جدا ڪاري مَ وڃ.
مڙهه مٿيءَ پيڙو ڪري، پوءِ محب موڪل آهني،
دل گهريا دلبر! ڇڏي، هي ڏڻ پين ڏاري مَ وڃ.
عاقبت "احمد" ذنو، ارواح آهنجي در عجيب!
رڳ ڪٺائي خاڪ ۾، ٽاٽو اهو ڏاري مَ وڃ.

Scanned with CamScanner

غزل (١٢)

اي سدا مٺا سڄڻ! سالن جي صحبت ياد باد!
اڄ ملڻ مشڪل مگر، مهنديون محبت ياد باد!
سنڌ ساوڻ سڄ وڄڻ، ساوڪ جي وچ ۾ صحبتون،
سو نظارو سو نظر، سو نينهن نوبت ياد باد!
ننڍپڻ جا ناز نخرا، نت نظر مهندان ڦرڻ،
ريلڙين ۾ رس رهاڻيون، راڳ رغبت ياد باد!
آءٌ ڪوڙو قول ۾، ڪيڏا ڪيم ڪوڙين قصور،
۽ اوهان کي عفو جو انجام البت ياد باد!
آهه "احمد" جي ادب سان، هيءَ احد کي التجا،
هر طرف تنهنجو توجهه، هيءَ ۽ تربت ياد باد!

غزل (١٣)

گلبدن ۾ گهور وڃ، يا چابڪن سان چُور وڃ؟
انب وڃ انگور وڃ، يا منجهه ميٺي مذڪور وڃ؟
قلب قابو ڪيو قريبن، زور ڪوڙين ڪان ڪڙي،
ميٺهن ڪنڌيءَ جو ٻور وڃ، يا منهن پسڻ جو پور وڃ؟
دوست ڏسجي دير سان، اي ديس جو دستور آهه،
ديس جو دستور وڃ، يا نه ته بغل ڀرپور وڃ؟
دل ڦٽيل در تي ڦٽو، دلبر دوائون ڏئي ٿين،
نيڻهن جو ناسور وڃ، يا ٿت، سنڌين ۾ سور وڃ؟
موتيو موتيءَ ڪٿو جي ڏئي، ته مون تان موت معاف،
حوض ڪوثر، حور وڃ، يا مه جبين منظور رڃ؟
سج سڄو ٿي ڏينهن سجدا ڏئي، سڄڻ جي سيج کي،
منهن اکيان مزدور وڃ، يا تخت سر تيمور وڃ؟
شينهن لتاڙيم شوق سان، ٻر سگ نه اڳتي پگ ڇڏي،
سؤ مروڙ مخمور وڃ، يا هڪ ڪتو ڪن ڏور وڃ؟
مون گهريو گڏجڻ گهٽيءَ ۾، گهور ڏيئي گهر ڏي چيئون،
ديس درسن، دور وڃ، يا دوستي در ڀور وڃ؟
جاڳهون جاگير جنت، ماهه مڙوئي جان مال!
ملڪيت مذڪور وڃ، يا ملڪيت کان مور وڃ؟
عشق ”احمد“ جو احد سان ڪوهه، ڪاهي ڪوهه پاس؟
نور اندر لور وڃ، يا تر تجلي طور وڃ؟

(غزل ١٤)

حسن وارن جي زبان، حرف ڪاروئي لذيذ،
ڪيترو ڪاوڙ نہ ڪن، تہ بہ اک اشاروئي لذيذ.
ڇاڳلي، ڪا ڇا چڪايم، اڄ چپن مان چاشني،
ڏيو مزي ڪان جنهنجي منهنجو جسم ساروئي لذيذ.
ڇو ڇوان منهنجا مٺا! مون کي مٺو ڇا لاءِ چئين؟
گلبدن تنهنجو تہ گفتو ڪار واروئي لذيذ.
ڪيرڪاريءَ رات پرخوش، ڪنهنکي ڪندن سان وڏي،
ڏا لڳن انعام تي، اوجهڙ، اونڌارو ٿي لذيذ.
ري حبيبن هام! گذري، تنهن حياتي کان هوئين،
هر ملڻ محبوب جي تان، موت مارو ٿي لذيذ.
رات ڪلہ راڻا! نہ راهين، تہ بہ رهڻ ڏي راڄ ۾،
نيت تنهنجو نوڪ نيڻن، سان نظارو ٿي لذيذ.
جي ڪا ڪوڏي ڪلہ وهارين، تہ بہ گهڙيون گهوڙا نہ بند،
در اوهان جي دوست! ڀانهي لئي ڀهارو ٿي لذيذ.
ڪوهہ! ڪاڏا، ري خليلن، ڪوهہ! خوشيون، ڪوهہ! خواب،
منجهہ گهڙين هن ڪام جي، گنگهر گذارو ٿي لذيذ.
وڄ جڏهن "احمد" اتي، اوڏو اچڻ توڻي نہ ڏين،
هن هريءَ جهڙن جو، پاسن کان پسارو ٿي لذيذ.

—

(غزل ١٥)

نہ ڀالي تو ڀرور، تہ ڀالي تو ڪير؟
سنڀالي نہ سو، ڀوءِ سنڀالي تو ڪير؟

ڪٽي پاٽ مان جو، وجھين پيٽ ۾،
نون نالين مان، نڪالي تو ڪير؟

ڪڪر ريت کھڙي، ولھارن وسن،
ايھن دم وري دم، ٽڪالي تو ڪير؟

هلن کي هوا ۾، سيرن کي سٽن،
منجھان جر جھازن کي، ڌالي تو ڪير؟

سدا ڪرم سچ آهي، کھڙي سبب،
دما دم ٽون کي، ٽمالي تو ڪير؟

لکن ۾ لکين، لال لوسانجن،
سياري ۾ سيڪڻھن کي، ااهي تو ڪير؟

چڙھين تون سمھين، پڻ سپاهي سنڌئي،
حريفن کي توتان، هڪالي تو ڪير؟

بدن اگ بنئي، پوءِ بہ باقي بدن،
ڪيدي روح، يا روح ڊالي تو ڪير؟

فنا فوج فرعون، نمرود اامس،
بنان ذات جبار، جالي تو ڪير؟

آڏيندا چڏيندا، وڃن چٽ چڪير،
ڪري هي حويليون، حوالي تو ڪير؟

ويا ۽ وڃن پيا، اهِ واريا ورن،
نگاهہ ڪر تہ ااڪاهہ، ٽالي تو ڪير؟

احمد سان، "احمد" جو عهدو الست؟
پڏي پيون نہ ڳالهيون، تہ ڳالهي تو ڪير؟

غزل (١٦)

اي اميرو! عام آهون، رنگ لائينديون ضرور،
نت نمائن جون نگاهون، رنگ لائينديون ضرور.
ظلم ظاهر تن مٿي، جن لئي ضروري ٿي زڪواة،
ڳاهجي ويون، تن جون ڳاهون، رنگ لائينديون ضرور.
ڪن ڀلاهون ٻيٽ ۾، ڀر ٻيٽ ڪن جا ٿيا ڀلا،
هي ڀلا ۽ هي ڀلاهون، رنگ لائينديون ضرور.
منجهه ڪنگالن ڪنگرن، ڪرڳل ڪلهن جا سير ڪلهن،
واهري جي وير، واهون رنگ لائينديون ضرور.
وير! ووڙن ري نه ورتو، تو ترازين ماڻ تخت،
عام رائي ڌار، راهون رنگ لائينديون ضرور.
هين اکين ڪيئن بادشاهه، برباد ڪيا اي بي خبر!
هي ڪٺهريون، ڦهر ڪاهون، رنگ لائينديون ضرور.
زار کي زاري ڪرائيئون، روس ۾ جو هو رئيس،
تون! نه تنهن ڪان ٻنڌ ٻراهون، رنگ لائينديون ضرور.
مسلڪ "احمد" آهي، لا الـٰه إلا اللّٰه جو،
تن تي ڪلمي جون ڪلاهون، رنگ لائينديون ضرور.

غزل (۱۷)

دلربا، دلدار جي، درگاہ، درجو آگ نہ ووڙ،
ڏينهن کهٽا ڏوريم، گوهر جي گام، گهر جو آگ نہ ووڙ.

محب جون ماڙيون ڪٿي، ڪنهن ماڳ پرنس مشعلا،
ڪنهن طرف ڏي تخت آهي، تاجور جو آگ نہ ووڙ.

آهہ ڪٿ پاڙو پريان جو، يار ڪنهن پارس رهن،
سگ سياڪو آهہ ڪٿ، ساهن سڌر جو آگ نہ ووڙ.

سڀ سياڻان ٿو سڄڻ جو، سڀ هنڌان سوڌي سڄي،
پيو اٿم ان شاہ سهڻي جي، شهر جو آگ نہ ووڙ.

ٿو ڏسان ڏيرا لڳل محبوب جا، هر ڪنهن مڪان،
پوءِ وري ڪاڏي ويا، تنهن واٽ ور جو آگ نہ ووڙ.

ڏيہ سڄوئي سڄ سوا، سونهن ساڻ سينگاريو پرينءَ،
شب نہ ٿئي، ڪا شام آت، سانجهي ۽ سحر جو آگ نہ ووڙ.

منهن ڏٺو محبوب جو جن، موت ٿيو تن تان معاف،
غم لہ، غمخواري وڏس، گوندر، گنگهر جو آگ نہ ووڙ.

عشق آئي اڄ وڏيس، اوڙاہ ڪنهن اونهي اندر،
قعر ڪاروٺيار جي، ڪنڌين، ڪر جو آگ نہ ووڙ.

ڪو نظر ناز ڪري، انيءَ نازسان نابود ڪيو،
جيئن اجاسين ۽ آهہ ڪو، 'احمد' اڌر جو آگ نہ ووڙ.

غزل (١٨)

ساهه ساڪين ٿيو سندم، ساجن سڌر جي آس پاس،
بت وڃي باقي رهيو، برباد بر جي آس پاس.
ڏينهن گهٽا، مون تان هينئون، هٿ ڪان وڃايو هو حبيب!
اڄ لڌم ڪجهه شاهه! پرزا، هن شهر جي آس پاس.
مڙهه هڏيون منجهان سڪن، محبوب! تو لئي منجهه مقام،
ڪرم سان پائج قدم، ڪنهن دم قبر جي آس پاس.
سچ ڪر آهن، گلبدن! ڪڏ، گرز، تنهنجي گهور سان،
يا ڦرن نازڪ! سندم، نيزا نظر جي آس پاس.
منهن پران محبوب! تنهنجي، وار وه! جهڙا لڳن،
ڪر هلي ٿو ڪوڪڪر، ڪارو قمر جي آس پاس.
سنئون نهاري، سانولا! سينگو ڇڏيئي سينن مٿان،
زخم تن جاني! ڪيم، ميري جگر جي آس پاس.
عمر سڀ اوڏو نه ڇڏيئي، مانِ مٿي 'احمد' عجيب!
تڙ دفن تنهنجو ڪرائين، دوست! در جي آس پاس.

غزل (۱۹)

دم کو آهيون، يا نہ آهيون، خواب آهي يا خيال،
هي بزرگيون بادشاهيون، خواب آهي يا خيال.
خاڪ ٿيندا خاڪ ۾، خاقان توڙي، خان سڀ،
هي خوشيون، هي خانگاهيون، خواب آهي يا خيال.
هيڪلو آئين هتي، ويندين هتي پڻ هيڪلو،
هيڪ ٻئي سان هم صلاحيون، خواب آهي يا خيال.
هي ماڙيون بنگلا، هي باغ، هي ٻوٽيون بهار،
هي سفيديون، هي سياهيون، خواب آهي يا خيال.
هي حڪم، هي حڪمتون، هي حرف توڙي حرفتون،
شغل شاديون، شوق شاهيون، خواب آهي يا خيال.
هي مڪا ۽ هي مڪر، هي صاحبيون، هي صحبتون،
هي صبوحيون، هي صراحيون، خواب آهي يا خيال.
هي نشا، هي نازبو، هي نازڪيون ۽ ناز راز،
هي ڪجل ۽ ڪجڪلاهيون، خواب آهي يا خيال
هيءَ جواني يار جاني! هيءَ جميعت، هي جمال،
هي بدن تي برهم ٻاهيون، خواب آهي يا خيال.
هڪ حياتي بي بقا، ٻيو هل حشر ساهون سڄي،
ڪنهن سبب سيني ڪي ساهيون؟ خواب آهي يا خيال.
موت گهيريو ملڪ سارو، مرض موڙا هر مڪان،
اڄ لڪي ڪنهن لوم لاهيون، خواب آهي يا خيال.
مانڊاڻو ملڪ ٻيو ڪو، هي نہ مانجهاندي جو ماڳ،
راهہ ۾ ڪيئن رات راهيون، خواب آهي يا خيال

Scanned with CamScanner

ڪيئن اهي پچرن ۾ پورئين، اي هڪيڙا! برڏيهي،
ڪر ڦٽيون في الحال ڦاهيون، خواب آهي يا خيال
ڪر ورڻ واري وطن ڏي، ڪوهه گذارين قيد ۾،
ڪي ڳچيءَ مان ڳٽ ڳراهون، خواب آهي يا خيال.
آهه "احمد" ڇئي، امن جو آسرو الله وٽ،
پيا پنارا ۽ پناهيون، خواب آهي يا خيال.

(غزل ۲۰)

تنهنجي غمزن ڪيو گهٽن کي، غمگذارين سين گڏيل،
آهه نيڻن جو نظر نت، ناز، نيازن سين گڏيل.
ڪان هنيئين جا پرين! اڳ، موڪلي پاسن کان پيا،
تير تارن لاءِ ٿيا، تازا ترارين سين گڏيل.
وار وسهير جيئن وڪوڙيا، حال ڦيريون تن ۾ ڦٽيون،
اڻي اکين ڪاڻي ڪجل، ٿيا ڪان ڪارين سين گڏيل.
بول پاپيها! امان سين، ميٺ وارا ڪر نه مات،
ڪين گهائي تنهنجو گل! گفتار گارين سين گڏيل.
محب! تو مهندان نه ماٺيم، آبرو ته ۾ عيب ناهه،
خوش رهان خدمت ۾ تنهنجي، خود خوارين سين گڏيل.
ڪانگ! قاصد تو کي ڪريو، موڪليان محبوب پاس،
عرض رائي کي رسائج، زور زارين سين گڏيل.
پير پائج ڪنهن ڏينهان، آسر وندين جي آستان،
عمر ساري آهه "احمد" انتظارين سين گڏيل.

(غزل ۲۱)

تو نموني پيو نہ نازڪ! ڪنهن نوابي ۾ ڏٺم،
رنگ بوءِ بلڪل نہ اهڙي، گل گلابي ۾ ڏٺم.
سڏ ڪرايو آهہ مٺي، پاس سوريءَ جي صباح،
شوق وارن کي، شهادت لئي شتابي ۾ ڏٺم.
قيدڪاڪل سان، ڪرشمہ سان، ڪڇڻ سان، قرب سان،
خوبروءَ کي خلق جي، خانہ خرابي ۾ ڏٺم.
منهن ڏٺي محبوب جي، من تان نہ مونجهارو لٿوم،
بلڪ واڌو بيقراري، يار يابي ۾ ڏٺم.
هٿ حسينن تان ڪٿان، ماڻهن جي ميهڻن ڪاڻ هوند!
پر نہ ميهڻن جو مزو، توبه توابي ۾ ڏٺم.
عيش عشرت کان ڪڍهن، ”احمد“ اچي هاڪين تنگ،
پر نہ دائم دوست، دنيا جي مهابي ۾ ڏٺم.

(غزل ٢٢)

مامرو هر مهل مون کي، محب! ماري موٽ تون،
وَڏ وڄهي، وڏيس وڇوڙي، واڳ واري، موٽ تون.
ڏور لاهه مَ ڏينهڙا، مون کي ڏکن ڏاري وڌو،
دانهن سڻ ڪا درد جي، هن ديس ڏاري، موٽ تون.
تنهنجي صورت سونهن ڏسي، مٺا! ڀرايو سور مون،
روح جو ريلو رندن تي، رت رئاري موٽ تون.
ڀرت تنهنجي پيچ ڀورو-ڀور ڀاتم منجهه پساهه،
واٽڙين تي ور، ڇڏيس ورهن وهاري، موٽ تون.
برهه لائي ڀاهه ڪيو، منهنجي بدن کي بيقرار،
درد دوريءَ جو دونهون، ٻرٻر! تو ٻاري، موٽ تون.
من ڪيو ڦوڙاهه ڦاڙون، تن ڦٽيو تنهنجي فراق،
قرب قاصائي جو ڪم، منجهه قلب ڪاري، موٽ تون.
صبر ساعت ڪونه ساريان، سڪ ڀڳم ويئي سکهه سرور،
ساهه توکي تو سدا، شب روز ساري، موٽ تون.
رڻ ٿيو مون سان راڻا! رمن مِ روساڳو ٿيو،
ڍوليا! ڍائي وري، ڍٽ ڀاس ڍاري، موٽ تون.
ساهه سڙيم، ساهه ڪريم، هاڻ رڙيون ڪن هڏا،
ڳالهه ايءَ ساري سچي، سهڻا! سنڀاري موٽ تون.
هي مسافر تو سلا، محبوب! پيو ماتام ۾،
ڀاڻ هٿيو ڀٽ مٿي، ڀڄڙي ڀڄاڙي، موٽ تون.
ڪو ڀرين! پيغام منهنجو، تو ڀنو ڀانڊي هتان،
ڪر لهه ماٺو، رهه لماڻو، لت لهاري، موٽ ٿون.

ٿي حياتي حيف مون تي، هاڻ وٺين هاڃي هٿي!
دوست! تو ڦاران ڏنو دم، درد واري، موت تون.
تو سوا سيد! اسان تي، سج نه اڀري ڪيو سٺهان،
آه "احمد" جي مٿي، عالم اڄاري، موت تون.

(غزل ٢٣)

ڪر ملڻ جي ڪا مٿا محبوب! مون مسڪين سان،
ڪهار ڪڍهي گلبدن! ڪوشي رهي غمگين سان.
ڏي دلاسو دوست دلبر! هيت رهڻ جو هاڻ ناهه،
جو هنيو آيو هري، ههڙي حسن لمڪين سان.
سج سڄڻ جي سولهن ڪي، سهسين ڪيا سجدا سلام،
نائي سر سيني سيتارا، پيش پيا پروين سان.
هڪ محب، پيو مه منور ٿي مقابل ٿي بيٺا،
چنڊ ڪان چوڙتو لڳو، تجلو سندس تخمين سان.
چنڊ چوڏينهن رات جو، اڀريو نه آڏيءَ تائين اڄ،
چنڊ چوڏهينءَ ٿي وڃان، چمڪار لايو چين سان.
سٺين سنواري سنڌ سهٽل، سر ڪلهن چوڙي چڏيا،
ان ڪفر ڪاڪل منجهان ٿيو، دل ڪي درسن دين سان.
منهن مصحف محب! تنهنجو، مثل، بيت الله پرون،
سوق سوريءَ سر چڙهڻ جو، تنهن ڏنم تلقين سان.
شوق ۾ شيرين جي، فاني ٿيو فرهاد جيئن،
اصل اهڙيءَ طور آهن، شوق لب شيرين سان.
دل وٺي دلبر مٺا! پوه چين م "احمد" سان عجب!
ڪوهه ڪهيءَ ن ڪي ڪنڊين، جن جي قرابت ڪين سان.

غزل (٢٤)

مرحبا محبوب! منهنجا، تو مٿان سر گهوريان،
ڪَس گهٽيون ڇايان گلن سان، ڪنج گوهر گهوريان
ماڻڪن جا مينهن وسايان، تنهنجي مارڳ، ماڳ تان،
تنهنجي خدمت ۾ خزانا، خوب خوشتر گهوريان.
هنج هرڻ، حورون هريون، هيرا حسن ۾ هيچ هيت،
تنهنجي جلوي جوت تان، جنسار جوهر گهوريان.
تنهنجي خط ۽ خال ڪي، مشڪي خطا، ڪولن خطا،
عرق تنهنجي تان عجيبا! عطر عنبر گهوريان.
ڪونجڙين ڪي ڪر نمايان، ڪنڌ اڳيان تنهنجي قريب!
تنهنجي قه قه تان ڪبڪ، قمريون ڪبوتر گهوريان.
نڪ نيلوفر نمولو، نرم اڳ، نرمل اکيون،
تنهنجي پيرن تان پيارا! پٽ پٽيهر گهوريان.
چند چهرو چشم چڪمڪ، چوسرو چوڏو چندن،
وات ڪوثر ڪان ڪٿر، زمزم ذقن سر گهوريان.
آهه "احمد" کي اندر ۾، عمر ساري ئي جي آداس،
اچ تہ اج کي مٿن اندر جون، اوريان گهر گهوريان

—

(غزل ٢٥)

جيئڻ جنجال ڪيئي منهنجو، جيئڻ شل يار! هڪ ڏڪ سان،
ملو يا ماريو مون کي، مٺا منٺار! هڪ ڏڪ سان.
ڪڏهن ڪاني ڪجل پائين، ته گرزن کان گهٽو گهائين،
جڏهن لالي لڳن لائين، مسي ڏڙ ڏار هڪ ڏڪ سان.
تون هيرو حسن جو آهين، جڏهن سينو سهون ساهين،
تڏهن تڪبير تو واهين، قسم گلنار هڪ ڏڪ سان.
جڏهن ڪاڪل ڪلهن لاڙين، ته وچ ۾ چنڊ کي واڙين،
سون کي سونهن کي ساڙين، سڄڻ سينگار! هڪ ڏڪ سان.
جڏهن وهسي وڪون وارين، ته مون مرم ۾ مارين،
هزارن جا هنيان هارين، هڻين جا هار! هڪ ڏڪ سان.
مٺاين مٺ، نه مُرڪن مٺ، جڏهن مرڪين ته ماکيون چٺ،
نه حلواين هلي ڪو هٺ، هڻو هٺ هار هڪ ڏڪ سان.
جڏهن محبوب! ڪر موڙين، تڏهن ڇاتي ۾ مٿان ڇوڙين،
ڪيان هڪ کان پيو پوڙين، بدن بيڪار هڪ ڏڪ سان
جڏهن ميڙي ڦوان مٺين، ته مؤ ڦاسن سوين ڦٿين،
جُري جيئڻ جهار کي جهٽين، جهٽين جهونجهار! هڪ ڏڪ سان
جڏهن دلبر! ڏوئي چنڊين، ته ڦاهيون موت جون منڊين،
رسي ري رهگذر رنڊين، وڏين وينجهار! هڪ ڏڪ سان
اکيون "احمد" طرف ڦيرين، ته ڦهري کان سين ڪيرين،
اجا ڇو سينگ پيو سورين؟ ويم مڏ مار هڪ ڏڪ سان

—

Scanned with CamScanner

(غزل ٢٦)

اڄ ڪيئن لڳي؟ اکين ٿو آرام آسماهون،
ٻاغ و بهار پيڙا، بادام آسماهون.
انگل اڙيءَ ۾، ڪاڪل ڪڙيءَ ڪڙيءَ ۾،
کهاڻي کهڙيءَ کهڙيءَ ۾ گلفام آسماهون.
گل خواب سان خماريون، شب خون جي شماريون،
سڪين مفت ماريون، ماتام آسماهون.
پانيان بغل پرين تون، تن من وڏي ترين تون،
ڪوئي وري ڪرين تون، قتلام آسماهون.
هڪ جنس لئين جڳن ۾، چوڌا چندن چڳن ۾،
پڙو سڪي اڳن ۾، پيغام آسماهون.
جن جا نه روح رهندا، سي سور ڇو نه سهندا،
کهاري نه کهوري مهندان، کهر ڪام آسماهون.
ماري رکيس محبت، اڳيان سوال صحبت،
اڄ ڪيو عجيب الفت، انجام آسماهون.
مٺڙي سنڌيءَ سيناٽي، ڪر ڪا پلا! پلاڻي،
'احمد' کهري اماڻي، انعام آسماهون.

—

(غزل ٢٧)

ادا اوٺي! اڀاڻن کي، اوسيڙو موڻ، نه هو، يان هو،
سچو سنڌيهو سنگهارڻ جو، سٺائي کو، ته سو ٻان، سو.
جسم منهنجي تي جل جلڙو، پٽن پر، ٻات پل پلڙو،
ولهارن ٻاس ول ولڙو، ٻڏم آلاپ او، يان او.
اڀاڻن کڏ اڏيا آئي، لڳي هونگار هٿ هائي،
کٿي تنهن ڪاڻ خدا جائي، نه ٻلبل ٻانگ کو، يان کو.
جني ٻير سندا پيوند، ڪنهيون ڪاره يا خاولد!
نه ٿيا منهن جي پيڻ جا ٻند، جبر ڪم جنگ جو ٻان جو.
ڏراڙن سان دل رهي، مٿو ڏولشديس ڏسي ڏيهي،
مٿي تڙ ميڪ ٻوه وهي، لوٺي ۾ لال لو ٻان، لو.
عمر! مارئن نه مرهينديس، کي ڳالهيون ڳوٺ ڳر هينديس،
وچي ٻائر ۾ ٻهر ٻنديس، اشم پوشاک پوٻاڻ پو.
کهٽو اڄ ڪاهه کهٽين ۾، سنگهاريون سيڏ ٿڻن ۾،
پيو مون ڳات ڳٽين ۾، ويڳاٽي وات وو، يان وو.
عمر تو سان ضد ذاتي، نه ٿيندو غير گهر ٻاتي،
ڪٿهن لئي ڪلي پلهن ڪاتي، انهن ڪاڻ ڪنڌ ڪو يان، ڪو.
ٻسان مجلس محمدﷺ جي، سچي سردار سيد جي،
احد ۾ آس 'احمد' جي، ڏوئم سو در، نه دو ياڻ دو.

—

غزل (٢٨)

روح ۾ تنهنجيون رهائيون، روح ريحان جي بجاءِ،
ڪس ڪهنيون ڪهر ڪام ڪل، گويا گلستان جي بجاءِ.

تنهنجي روءِ سان رات روشن، تنهنجي موءِ سان مشڪ مشڪ،
تنهنجي بوءِ سان بر وسن ٿا، باغ بستان جي بجاءِ.

مفت مون تي مچ: ٻرڻ، تنهن ڪان محب! محلات ۾،
ساڙ ساري راتيون، شمع شبستان جي بجاءِ.

جي ڪنڌين ڪي قوت ڪهر جي، ڪرڪڻي مونکي ڪباب،
زڪه ڪٺي ميڪان مهندان، مرغ بريان جي بجاءِ.

ڪوهه وجهائين قيد ۾ مون، جي انئي ڪاوڙ قريب!
ڪول زلفن ڪي ذرا، زنجير زندان جي بجاءِ.

تنهنجي صحبت لاءِ سهڻا! ٿيا سفر ۾ سال سون،
سوز ساڙو سور سامهان، ساز سامان جي بجاءِ.

عين اکيون، الف قد، يا سين خود، يا سين ڏند،
مثل بسم الله ڀرون، رخ پاڪ قرآن جي بجاءِ.

تير قدر، تير رنگ ڪارو، ڀر مهانگي ملهه سان،
جي ڪٺي هندو سڏيندس، ته به هندستان جي بجاءِ.

لعل جهڙا لب لطيفن، لڪ لين لعلون به ات،
دل لڙي لب لعل ڏي، لعلِ بدخشان جي بجاءِ

گلبدن جي گهور جا، گهوڙا! گهُمايا گهڻا ڪيئن،
موت مشڪل ٿير ڪوڙي، ميچ ميڪان جي بجاءِ.

ملڪ ساري سان مقابل، ٿيو نه ٿئي مطلق مگر،
هڪ پرين منهنجو، پري ۽ حور غلمان جي بجاءِ.

Scanned with CamScanner

حسن وارا ڪئين هزارين، ہر هنئين ۾ هيڪڙو،
ياد نہ آهيم يار ڪوئي، ياد يزدان جي بجاءِ.
قلب منهنجي ڪي ڪرئين ٿو، يوسفِ مصري مثال،
غرق ڪيو چاهہِ زنخ ۾، چاهہ ڪنعان جي بجاءِ.
آهي 'احمد' جي عبادت، عمر ساري ان طرح،
دست زُلفِ يار ۾، تسبيح مرجان جي بجاءِ.

(غزل ۲۹)

يا پناهہ مون طٿوئي، يا طور، جيئن توکي وڻي،
نار ٿي ذڪار، يا خود نور، جيئن توکي وڻي.
دور در ڪان ڪر نہ مون کي، دوست! باقي در مڻي،
رک مزن ۾، خواهہ رک مزدور جيئن توکي وڻي.
سور، سوري تو هٿان، سينگار ۽ صحبت مثال،
رنج لاهين خواهہ رک رنجور، جيئن توکي وڻي.
درد تنهنجو دوست دارون، دوستيءَ جي دين ۾،
شاهہ خوبان! ڏي شفا يا سور، جيئن توکي وڻي.
آهہ ٻردم! تولئي پٽر، ويهہ تان وڇايان وار سينڌ،
يا اکين ۾ ويهہ، اکين جا نور! جيئن توکي وڻي.
آهہ سڄڻ جنگ مان سڄڻ! توکي سڃاڻان ٿو صحيح،
ڪول منهن يا ٿي محب! مستور، جيئن توکي وڻي.
زلف جي ظلمات ۾، مون لوڪ کان لاڻ! اڪاهہ،
خواهہ غبغب ۾ ڪرين، غرقور، جيئن توکي وڻي.
ڪماسان عاشق ڪهڻ ٿيو، آهيہ 'احمد' اڄ تو وار،
مون جيو منهنجا مٺا! منظور، جيئن توکي وڻي.

Scanned with CamScanner

(غزل ٣٠)

دل ڏيئي، دلبر ڏي ويو، آهه ڪيئن سهان اي سور ٿئي،
خواهه ميڙين، خواهه مارين، مون ڪيون منظور ٿئي.
خاص خدمت ۾ رهيو تي، چنڊ چوڏهين ماهه سج،
در تي دربانيون ڏٺم، بلبل پري ۽ حور ٿئي.
اڄ سڄڻ ۾ رهو وڌي، سهسين ڪيا سينگار هار،
گرز، ڪز گهائين پلين، گهوڙا! نه مٽ هڪ گهور ٿئي.
پيچ پائي، منجهه پسهه، قابو وڌو ڪاڪل قريب،
من مڙهيم محبوب سان، جيئن ميٺهن ڪنڊيءَ چاپور ٿئي.
پهلوانن جون پٽيون، لاهيو لڙائي ۾ وڃن،
جنگ ۾ جاڙا ڀرون، ڀالا هڻن ڀرپور ٿئي.
پنبڻيون ڪنهن پر نه پوريون، ڳالهه هڪ، هرگز هلن،
دم چڪينم، دم تڪينم، دم ڏڪينم دور ٿئي.
جان جليم جوش ۾، جلوو پسي جانب جمال،
جوت جاڳي ات، جتي ڪڏجن تجلي طور ٿئي.
عشق "احمد"! عمر ساري، نت رناڙيم رت ڦڙا،
محب ۽ محبت ڪڏيم، ميثاق ڪان مغرور ٿئي.

—

(غزل ۳۱)

تنهنجي ڄلون ڪاڻ جسم ۾، جهور جهوراڻ ٿي پوي،
قلب ۾ ڪنڍڙين اکين جي، ڪور ڪوراڻ ٿي پوي.
سير تي سينگار جي چڙهيو، سچ سج جي مثال،
گنج گوهر جي ڪسن تي، کهور کهوراڻ ٿي پوي
ات ٻچايان ڪيئن پلا، وارن ٻنهين ڪئي بند دل،
سيو ٿيا تارا ترارين، ڏور توران ٿي پوي.
ڪن گهڻا ڪاڏام قاضين، ور قبوليان ڪيئن ڪري،
حسن وارن جي هيين ۾، هور هوراڻ ٿي پوي.
شهر تنهنجي جو ٿيان ڪيئن، تو سوا سهڻا! سونهون،
درد دوريءَ کان مٿي ۾، دور دوران ٿي پوي.
آءٌ اٿي آديءَ عجيبن سان، اندر جون اوريان،
بد سلوڪن ۾ پتر جي، پور پوراڻ ٿي پوي.
هوت حاصل مانِ ٿئي، جنهن لاءِ هاڙهو، حب هٺان،
ڏيهه ڏونگر ۾ ڏينهاڙي، ڏور ڏوران ٿي پوي.
مون نه مرضيءَ سان مٿو، ماريءَ اڳيان منڊيو، مڪر،
زلف جي زنجير ۾، دل زور زوراڻ ٿي پوي.
اڄ جو اڄ 'احمد' گهرام، ترت ترياقِ عراق،
نانگ جي ڦڻ کي ڦٽيءَ سان، چور چوراڻ ٿي پوي.

——

(غزل ٣٢)

سڄڻ! زلف زنجير جهڙو اٿئي،
نظر توب ۽ تير جهڙو اٿئي.
نه اچي ڪر اٿم ڪير آهين قريب!
مهاندو ته، ڪنهن مير جهڙو اٿئي.
ڪڙو مان ڪاوڙ، ڪرين جي ڪلام،
سخن سو، شڪر شير جهڙو اٿئي.
حسن ۾ نه توسان، حورن جي هاڄ،
لڳن ۾ لڳو، لير جهڙو اٿئي.
ڪندين قوت مون کي، ڪڍيندين قوت،
نمونو ته، نخچير جهڙو اٿئي.
سڄڻ تنهنجي صحبت، ڪيس سون صاف،
اثر يار! اڪسير جهڙو اٿئي.
اميرن سين 'احمد'! ڪرين عشق راند،
نه اي طور، تدبير جهڙو اٿئي.

(غزل ٢٣)

ماري سارن جي ساري، ماڙين ۾ مارئي،
رنگ رتولن کي ڏنئين، رت سان رانو ڏينهن رئي.
لعل لوئي کين لاهيان، پٽ نه پهريندس پٽين،
سومرا! سيڄن جي سهندڙ، ڪانه سانگياڻي سٺي.
مون ڏٺا ٿي، سينهن وڏا، جنهن ملڪ ۾ مارو مٺا،
ٻر وڏا ۽ ٿر وڏا، جانور وڏا سينهن، وس هئي.
مرڪ سانڍائيون، منڍيڙا، موڪ موريا منجهه ملير،
لوڪ ڪانهي روڪ، لاشڪ پوک لوريان لئي.
سانگ سانگيڙا سڏاريا، ساوڪون سانيهه ٿيون،
سور تن، سوراخ ڪيو تن، جيئڻ سڀ تن ڪي سٺي.
سيڪ سنگهارن جي سڪان، سنگهار کهڙي سانگ ويا؟
مون سٺو ويڙهيو؟ نه ويڙهيان ڏار، ڏارين ۾ ڏني.
ڪنڌ جهڪا ٿيا جهانگين جا، ڪوٽ آئي مون عمر!
مير! ماڙين ۾ اچڻ ڪان، ڪو نه آئون سهند سٺي؟
عرض 'احمد' چئي، عمر! سڻ، ڪر نه ارڏايون امير!
مير ڪيو ماڙين منجهان، سارن ملي، مر مارئي.

Scanned with CamScanner

(غزل ٣٤)

مُنجهن مارُن ۾، مارن ڀاس، اڄ ڪا منڊ ملهار جي،
پَٽن پاسي پنان پادل، اچي ٿي بوءِ بهاري جي.
وٺا مينهن ملڪ پيا موري، نه اڄ ٿڌڪار ٿر ٿوري،
وري جاڳيم جڳهي جهوري، بدن ۾ بيقراري جي.
منڊل مينهن جا ملارن ۾، وسن جهم جهم جهلارن ۾،
ولين ويڙا ولهارن ۾، ساڪت سيم ساري جي.
ڪيا ڪوڙين، ڪلورين ڪم، گولاڙا گاهه ڳا ڳيون ڳم،
اوهيرا آڄ آين آڳم، هرن تي هونگ هارين جي.
پڪا ڏٿونرا، ڏهوٿا ڏت، ڀليا ڪر ڀور ڀيرين پٽ،
نه توکي موسرا! ڪا ستڻ، اسان جي انتظاري جي.
نه ڳرهيان ڳوٺ ڏاران ڳجهه، پرم پاروڙين ۾ ڳجهه،
نماٽي ڪي نه آهي ڪجهه، ضرورت زرنگاري جي.
پٽن [illegible] پڻي پڻ پڻ، وري ماريم مگر سڻ سڻ،
عمر [illegible] اندر اڻ تڻ، انهيءَ تاريءَ تياري جي.
مگر، [illegible]ائي اتم ماري، منڌر ۽ مور موچاري،
طلب [illegible]ءِ مندي، تاري، لڳي پوريءَ پٽاري جي.
سڻاٽ [illegible] ج موريءَ ڪان، انهيون اڪيون انبوريءَ ڪان،
ڪٿير [illegible]ٿي ڪٿوريءَ ڪان، پلي بوءِ پون پلاري جي.
چڏيم ميوات جا موڙا، ڪنگڻ ڪنمال ڪم ڪوڙا،
نه چانديءَ جا ڪهن چوڙا، نه حاجت هَس هزاري جي.
نه ڏي دهشت رکي دڙڪا، اڇهو ٿا ڪوٽ ڪنڪڙڪ،
ڪندي هي ٻاهه ڪٽ پڙڪا، اندر جي آهه زاري جي.

ڏٺي ڪر دور ڏارين ڪي، ٻسان ٻاڙي ٻنهوارين ڪي،
سري صورت سنگھارين ڪي، صفائي سڄ اوٻاري جي.
انهي ’احمد‘ هتي آوسر، اٿي سائيه ساهون سير،
ته هٿي سانوڻ سدا تو سر، ٻهاري بخش ٻاري جي.

(غزل ۳۵)

خوف ٻيو سڀ خلق ۾، خوني خماريا ليڻ تو،
محبتي ميدان ۾، محبوب! مـــاريـــا نيڻ تـو.
ڪي لڳن ڇاتيءَ ۾ ڇيرا، ڇرڪ ڪيندي ٻيا ڇٽي،
منجهه انبوريءَ جي اٽين، عاشق آٻاريا نيڻ تو.
مــاريــا منصور جهـڙا، مـرد، تنهنجي سامري،
ملڪ ڪري سوريءَ مٿي، سهسين سنواريا نيڻ تو.
وار ڦاهي دل ڦـرڻ لئي، تـر مٿي طلسم تمام،
دام ۾ داڻو رکي، دانـــا! ڦٽاريا، ليڻ تو.
ويو لهي ان ڏينهن ڪاف، ’احمد‘ عمر جو آسرو،
سچ چلهن سرمون وجهي، ٻهٽا! سينگاريا نيڻ تو.

(غزل ٣٦)

دوست! دلڙي وٺين ڦري، ڌاڙيل وانگر در پيچي،
صبر سک ساڃاهه سڀ، لالن! لٽي لشڪر پيچي.
گل سمن سنبل ستارا، چنڊ سج سونهيا سدا،
ان سين جا اڄ چڙيا، اوپار تنهنجي آر پيچي.
ڪونجيون ڪوجهيون ڪيون تو، ڪرمٽي واري قريب!
پڻ رکيئي پولي مٿيءَ سين، پاپوهن جا ڀر پيچي.
اک اشارا آڪرا، آيم، اندر وارا، عجيب!
خوب کوڙي، نٿي نهوڙي، نوڪ نيڻن نر پيچي.
ٻاهه ٽيو ٻت ٻره ٻر، ٻچيو ٻچاريان پره ٻر،
ورهيه گذريا وره ٻر، وٺين وڃي تون ور پيچي.
چڙ ته اِتاويهي مران، وو ووا! وڃان ڪاڏي وري،
پرڏيهي پاڙي پريم، ڪريو پکين جيئن پر پيچي.
پره جو پيغام پهتو، لطف سان لاتقنطوا،
اِن دلاسي دل مٿان، چاٺان چڙيائين چر پيچي.
مان ڪي ٿورا مرن، ڪي لاهه مانيءَ لک هزار،
ديگ آهي هن دڙي تي، چئو ته رکندا چر پيچي.
آهه آوت لئي اوهان جي، عمر 'احمد' انتظار،
منهن ڪميني ڏي ڪڍهن، ڪريو ڪرم سان ڪر پيچي.

(غزل ۳۷)

خوف آهي خون جو، ڪٽنديون خماريل نيڻ جي،
خلقيا شايد خدا هئي، خاص خاطر ڪيڻ جي.
ڪاڻ قهري ڪو لڳو، جنهن قلب مان ڪيئي قيام،
ڏيل ڏرجي ويو ڏڪن ۾، مَن مثل ٿيو ميڻ جي.
شُڪر، ڏين ٿو شوق دل کي، شوخ ٿيندي شهسوار!
وِهه وهائيل وَهسندا ڪيئي، ساڻ وائيءَ ويڻ جي.
آءِ ڦونگا، اوءِ ڦيٽيون، آوءِ مارڳ، اوءِ ماڳ،
ويا سفر ڪنهن سانگ آڪري، ڪيا ڪي مون سيڻ جي.
ڏيک درسن جو، نٿي ڪوم دنيا ڏانهن دل،
ڪم وارا لک هٿي، ماريا ڏَيا تنهن ڏِيڻ جي
جن هٿن سان هيريو ٿي، سنگ! مَ تن سان وَڳ وري،
حيف چوڻي، ته به هٿي وڃ، اڄ لحاظي ليڻ جي.
هي خودي، آڏي خدا کان، جنهن کي 'احمد' ڏينهن ازل،
سو نه لهرين مان لنگهي، ڇيه تائين والگر ڇيڻ جي.

(غزل ۳۸)

منهنجي دل ۾ دوست ڏيرا ڪيا، ڏُرائي اڄ ڪٿي؟
اک اشاري سان آخر، دل آرائي اڄ ڪٿي؟
موڪليان محبوب ڏي، جيڪر مڃيجي ڪو سليم،
ملڪ ۾ گهرا گهٽا، هر گهڻ گهرائي اڄ ڪٿي؟
ويچ ويچاري ڇيو، هن کي دوا دل جي کپي،
سا ته گهوڙا! گهور ڏيئي، گوهر گهرائي اڄ ڪٿي؟
اڄ اسر جي وقت ڪان، ڪن تي پئي قوقو تنوار،
ٻاٻهل ٻولي مٺي، ٻيلي ٻرائي اڄ ڪٿي؟
واه جو هو، وجه ملڻ جو، ڪر وڇان ڪاري ڏنو،
اي ٻرو بنياد ڪان اِن جي ارائي اڄ ڪٿي؟
ڪنهن طرح "احمد" امن سان، ملڪ ۾ ماڻهو گهمن،
مون ته در ديوار ڏسندي، دل ڦرائي اڄ ڪٿي؟

(غزل ٣٩)

مون منهنجي محبوب سان، محبت مزي واري لڳي،
غرض ناهي غير سان، هڪ يار سان ياري لڳي.

جنهن ڏينهن تي پير ڏٺي، پر پيارل تي لنگهيو،
مشڪ کان مون کي مٺي، تنهن ماڳ موچاري لڳي.

قلب قابو قيد ۾ پيو، جان ڏٺم ڪاڪل قريب،
طرف تارن جان ڏٺم، تان توب تاتاري لڳي:

چاڳ وارا! چشم سان، ڇيري ڪئي بت چاڪ چاڪ،
ڪان ڇهري کان قراري، اک ڪُنڍي ڪاري لڳي.

هر محل، هر ماڳ تي، محبوب سان گهرجي مقال،
ڪل خوشي ٿي خلق سان، آهيم ڪٺي ڪاري لڳي.

مقصد جي محلات مهندان، اڄ نه بيٺل ڀانئجيم،
إن آڳن تي آهه 'احمد' کي، عمر ساري لڳي.

غزل (٤٠)

اڄ ٻه دل کي درد ناڪي، دوست دلبر کان لڳي
مست اکين جي ان ڇي، آڳ اندر ۾ لڳي.
هيڪ ميلو، ٻيو صفا، ٽيو تير، ترو کڙيون مٿس،
ان سلوڪ سان محبت، منهن منور کان لڳي.
اي هوس موں ناهه تان، هر هنڌ هيرايان هيون،
ڪا دنالي دل اندر، دنيا ۾ هڪ در کان لڳي.
قلب قابو قيد ۾، ڪنهن جو ڪريان ٿو ڏوهه ڪين،
وڪ وڌائي پاڻ لنگهيس، وار جي ور کان لڳي.
ميت ڳالهين محب جي جو، موں نه ماڻهو ڪنهن مڪان،
ڪالهه ان ڪم لي وريس، خود حوض ڪوثر کان لڳي.
قرب وارن کان تنهنجي، ڏيهه نه ڏورا ڏوريا،
موڙيا مشتاق تنهنجا، محب! محشر کان لڳي.
دوست ڏاڍي دير لائي، ويو ڏري ڏاڍو وصال،
خوف آهم خوبرو کي، ڪنهن خصم خر کان لڳي.
نيڻ جون نوڪون نمن، سر ساهه 'احمد' جي عجيب!
سينگ سوڌي اڏين نه ڪ، سهراب سنجر کان لڳي.

ٻاڳو ڏيو

ذڪر اهل مماتي واري جو

سچ ۾ ستو آهي سدا، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
گاديءَ ڏٺي هو يا گدا، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
ٻاڻ هي ٻينار هو، يا ملڪ جو مهندار هو،
يا سر زمين سردار هو، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
هو مرد ٻڍو يا جوان، يا هو نماڻو ناتوان،
يا ٻاڻ چائين پهلوان، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
درويش هو يا دولتي، محبوب هو يا محبتي،
مهندار هو يا محنتي، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
راڄا وڏو منجهه راڄ هو، يا محنتي محتاج هو،
يا سَرو قَد سرتاج هو، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
مٺو منجهان سوڍي قدڻ، يا نازنين نازڪ بدن،
دندان جنهن جا دُر عدن، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
يا محب مصريءَ جا ڳڙا، يا قول تنهنجا سڀ ڪڙا،
ڪهڙا ڪيائين ڪم ڪڙا، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
يا ڄا ڳڀ ڪئين چانگهن چڙهيو، يا پير هو يا ڪو پڙهيو،
ڪهڙو مٿس ڪاڙهو ڪڙهيو، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
ڪنهنجو پسر ڪنهنجو پدر، ڪهڙو سندس هو هٿ قدر،
سائل سدا هو يا صدر، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
يا ڏينهن ڪيترا پرديس تنهن، يا دم ڏنو در ديس تنهن،
ڪهڙا ڪيا ور ويس تنهن، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
پٽ ۾ ڪري پورا پهر، ويجهو نڪو وارث وهر،
لائي لٿن تنهن تي لهر، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟

Scanned with CamScanner

لوڏيون ٿي آيون لاءِ تنهن، يا پٽ سچو پوشاڪ تنهن،
ڪانئي ويئي اڄ خاڪ تنهن، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
دائم وَسن ڏوڙيون مٿس، سر ڏار پيو ڏڙ ڪان اٿس،
سَڀو سڄ انهي سيج ۾ لٿس، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
موڙهل مٿو، منهن تي مٽي، نڪ وات نيشاني ڦٽي،
ماٺس نه سهڄ ٿي ڇٽي، سگهجي سڃ ٿي هاڻ ڪيئن؟
ڏڙ ڏوڙ ۾ آهس ڏريل، منهن وات واريءَ سان ڀريل،
هڏ ماه ڀڄالا ڳريل، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
هٿ پير هڪ ٻئي کان ٽٽا، تنهنجا ڇنا ڇڏيون ڇٽا،
ڪنڌين تي ڪالهيرا ڦٽا، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
وارن ۾ لاٿ، وسريس ڦٽي، ٿي پير ويا ڀرزا ٿي،
ڏند خواه ڏاڙهون ڀيا ڇٽي، سگهجي سڃاڻي هڻ ڪيئن؟
سُرمي نڪا سينگار جي، حاجت نه هيري هار جي،
ڏند ڀيا ڇٽي ڇڻڪار جي، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
ڀلڻ مٿس ڀاڻي پلر، وڙڪن ويچاري تي ولر،
ڪِرني ڪٽس ڪاڏو ڪلر، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
اگرا اگهاڙا ڇا ڏڪي، هٿ پير ويچاري نه ڪي،
ڏوڏيل مون ڏسندي ڏڪي، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
ڪنهنکي نه ڪوئي ڪم ڪهي، ڪوسيون ٽڏيون سر تي سهي،
ڏينهن- رات رُڃ ۾ تو رهي، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
توري نه هيڏان ڪو تڏو، سارو جسم ٽٽڙس جڏو،
ڪوڪٽ هڏو، ڪوڪٽ هڏو، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
غم ۾ اهي غمناڪ ٿيو، ٻت پير جي تنهن چاڪ ٿيو،
خاقان هو تم به خاڪ ٿيو، سگهجي سڃ ٿي هاڻ ڪيئن؟

هو شان عالي شاه کو، ته به تاج انهن سر ناه کو،
کونهي سنڌين ۾ ماه کو، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
جي مرد هو مسند جو ڪمل، ٿيڙو ڪلر جو قوت ڪل،
ڳريو جسم تنهنجو جمل، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
صورت هيس جي سونهن پري، ته به هو ڪندو هي ڪو پري،
ڪاري ڪلر ۾ ڪل ڳري، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
ڪو غم ڪري غفلت سبب، اکين کي سيڪاري ادب،
آهن عجب، آهي عجب، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
عاقل اهو احوال ڏس، ان مان تون امثل ڏس،
تنهنجي هلڻ جو حال ڏس، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟
’احمد‘! اکيون ڪولج اتي، رک هي پرولي سر پٽي،
هي حال ڪنهن جا ٿيا هتي، سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن؟

جواب اهل مماڻي واري جو

سمجهي حقيقت حال ڪن، هر حال ٿيو مون هاڻ هيئن،
احوال پڙهه احوال ڪان، هر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڇانگهن چڙهيو ڪيا ڇاڳ مون، ڌاريا مو ڇارا ماڳ مون،
بيشڪ بلند هئا ڀاڳ مون، هر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
آهيان اڪابر آدمي، مون ٿي دماڻيا دمدمي،
خادم ڪندا هئا خادمي، هر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
دائم دماغن سان هليس، ڪو دم نه داغن سان هليس،
بستان باغن سان هليس، هر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!

رهلا رهائيون ٿي ڪيم، جلوا جوانيءَ جا پيم،
سڀ عمر نازن ۾ ليم، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
وارن ۾ ونگوڙا پيدم، ٿي من وڏائي ۾ ودم،
لوڏو نه لاڏن ۾ لڌو، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڏينهڙا خوشيءَ ۾ ڪاريم، ٿاني نه موتهن ۾ ساريم،
سُرمي سين اک سينگاريم، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
سينگار ڪريو سج لٿي، ڪهيس ڪنگهر پاليم نٿي،
گهوڙا! چڙهيس گهوڙن متي، پرحال ٿيو مان هاڻ هيئن!
در ديس ۾ پرديس هو، هوڪو سندم هر ديس هو،
وهواه! جهڙو ويس هو، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
پوشاڪ پٽ جي مون متي، پاڻم ڏليس ٿيو پون متي،
مستي هيم مون تون متي، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
عالي همس اقبال سان، خوشبو مکيم خوشحال سان،
مغرور مايا مال سان، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
هر جاءِ منهنجي هاڪ هئي، ٿي ڳالهه سرداري جي سٺي،
چاهڻ ڪنان چاتم نه روئي، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
مون مرتين جي منهن مٺا، ڳادي سندم تي ڪل گهٽا،
لشڪر سپاهي سؤ چڙا، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
هيڪر هلڻ آڇيو حرف، تان هل مچايئون هر طرف،
ڪنهن چيو ته آهيان اهلِ شرف، پرحال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو ته نادر نام مون، عالم مچايو عام مون،
هو ارم ۾ آرام مون، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو ته آهيان ارجمند، هو تخت مون بيشڪ بلند،
حاضر سواري لئي سمند، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!

ڪنهن چيو تہ عاقل مون اسم، موجود مايا ڪل قسم،
جوڙ ٻڙ جواني ۾ جسم، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ مان دولت ڏٺي، دنيا اندر دولت گهڻي،
سڀئيم نہ ٻيرن تي ٻٺي، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ مان صاحب صدر، قادر ڪيم ڪيڏو قدر،
دربان دائم پيش در، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ حاذق حال مون، گاڏو، ميهو ميڙ... ل مون،
چالن رڪڻ ميں چال مون، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ سوداگر سهي، سامان سگهندس چاکهي،
ٿي پار ٻسن جي وٽهي، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ مان سادو سڪيو، نہ ڏيهہ پرڏيم ڪو ڏينهن ڏکيو،
دائم ڏٺيو، در بر دکيو، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ مان نازڪ نئون، قد سرو جيئن سوڌو سٺون،
صورت ۾ سچ جهڙي چٺون، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ نازڪ ناز سان، هڙئس مٺي آواز سان،
سڏ سوز وارو ساز سان، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ شيرين شهپري، سڀئين گهات سان صورت پري،
جملہ جسم زيور ذري، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ راڻي راڄ جي، سولهن صاف سرتا ٻاھ جي،
ساڪن سونهاري جاھ جي، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ راجا راڄ جو، سر تخت صاحب تاج جو،
هو ملڪ مون محتاج جو، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!
ڪنهن چيو تہ ماڻهو مون مثل، هئا آبرو ۾ گهٽ اصل،
هر سال ۾ سالم نصل، پر حال ٿيو مون هاڻ هيئن!

ڪنهن ڇيو ته 'احمد' اي ادا، غافل متان گهارين گدا،
ڪئي موٽ ان مستي ڏي سدا، پرحال ڏيو موٽ هاڻ هيڻن!

حالت اهل مماتي وارن جي

ڇو ڳالهه ڇيتاري ڇٽي، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
صورت جسم ساري ڦٽي، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
مڙئي مٽي جو ڍير ڏيو، هٿ پڻ، نه هنجو پير ڏيو،
مشڪل فرق ۾ ڦير ڏيو، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
سارو ڪنل سري مٿل، عضوو نه سالم ڪو اصل،
کهڙو نسب، کهڙو نسل، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
وائي ويچاري جي ويل، سارو ڪلر ڪارو ٿيل،
ڪو ڪو هڏو ڪڪرا ٿيل، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
پر ۾ قبر، ڪا ڪا هڏي، سا پڻ، سون سورن گڏي،
هاڻي لڳي هيبت وڏي، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
اهڃاڻ اڄ نه آهن ڇٽا، منهن وات لڪ ڏيئي ڦٽا،
کهڙي سلامن جي سٽا، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
هي پير يا مرگهو مٿو، ڇولدي سنيها سچ لٿو،
هرگز حرف بولي اٿو، سي آهي ماڻهو يا مٽي؟
پٽ ۾ ڏلم پر سال پيو، ڪجهه ڪجهه هڏن ۾ حال هو،
اڄ تان پيو احوال ڏيو، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
احوال اڳيون هو اڳي، اڄ حال ڪان حيرت لڳي،
تصديع ٽڙڪن ۾ ٽڳي، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟
سڀو سڀو الڳي سردار ويا، ڏڙ ڪان تنين سرڏار ٿيا،
پسجن سندن اڄ ٺار پيا، هي آهي ماڻهو يا مٽي؟

Scanned with CamScanner

سٺو سٺو سواريون ھٿا ڪندا، ڇڏھين ڪيون ڪڙا مدا،
ھاڻي رھيا حيرت وندا، ھي آھي ماڻھو يا مٺي؟
سٺو سٺو سرڪش ھي نليا، خوشبو مڪيو ٿي خوش ڪليا،
ھيھي ڪندي آخر ھليا، ھي آھي ماڻھو يا مٺي؟
ھي ڳھر، ڳدايون ڇڏ ڳدا، ”احمد“ احد ڏي آ ادا!
ڪر ڪي لطر سچ ڏي سدا، ھي آھي ماڻھو يا مٺي؟

سومرن حاڪمن جي برباد ٿيل وڳھ ڪوٽ ڪان
ھڪاڻر ٿي چيل

آھي اوھان سان اي اڏا، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
منھنجا سڄڻ اسھڻا سدا، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
ڪھڙو قلعي جو ڪارگر، ڪنھنجو مٿس ھٿ جو ھنر،
ھو ڪير حاڪم تنھن اندر، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
ڏسجي ٿو شاھاڻو شھر، مضبوط محڪم منجھم ڀتر،
ٻراڄ مٿس لٽ جي لھر، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
رازن اڏي جو راس ڪيو، خاصو خلاصو خاص ٿيو،
پوءِ رات ۾ راڪاس پيو، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
ڪھڙو قوي قابو قلعو، ھوندس ڪڏھن ڪو غلغلو،
آخر ٻڳو ٿي ٻي ٻلاو، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
ماڙيون منجھس موچاريون، سھڻيون سرائون ساريون،
ھاڻي وسن لٽ واريون، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟
ھاريءَ مٿي ھاري ڏيئي، سير سير سين سينگاري ويئي،
محلات موچاري ٿئي، ھي جام ڪنھن ڏي ڪو جواب؟

Scanned with CamScanner

ماڙيون جتي محلاتيون، راڻيون رهيون ڏينهن راتيون،
ات ڪن بلائون ٻاتيون، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

هت ڇڇڙا چوڌار هئا، هيت جوڙ، هت جنسار هئا،
هيت سانگ، هت سينگار هئا، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

هي ڳوٺ کهڙو نہ ڳوٺ هو، هي ڪوٽ ڪو يڪچوٽ هو،
هيڏو هت پوڪوٽ هو، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ٻانهي نہ ٻاني آهہ ڪا، وسندي نہ واني آهہ ڪا،
دربان دائي ناهہ ڪا، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ڇانءِ وڳہ جي وير هو، مالڪ قلعي جو ڪير هو،
دنيا ۾ ڪيڏي دير هو، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

پورو پتو ڪنهن کان پڇان، پيت پت ڇڙي ٻئي ناهہ ڇان،
ڪنهن کان پڇان ڪنهن سان ڪڇان، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب

دعوائون جن ٿي ڏاريون، ماڙيون اسان موڙاريون،
تہ کان پڇون پوڪاريون، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ماڙيون ڇڏي جي مُقتدا، ماڪن ٿيا ميچ ۾ سدا،
آهہ ٿو پڇان ان کان ادا، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

جن ڪوٽ هي قائم ڪيو، آهيون اسين ائين ٿي ڇيو،
پل پل پڇان تن کان پيو، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ماڙي تي مارو جن مٿو، گهر گهر گنگهر گهائي گهٽو،
تن کان پڇان پورو پتو، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

مالڪ ويا ۽ مال گم، مرجان موتي لعل گم،
خوبيون ختم ۽ خال گم، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

راڻا رتولن ۾ رهي، سوڀون ڪنيون جن ٿي صحي،
آهہ ٿو پڇان تن کان ٻهي، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

Scanned with CamScanner

اڳ ڌاڻ ڪڏهن اڳواڻ ٿيو، مارو ٿي ماڙي ڪاڻ ڪيو،
تن ڪاڻ پڇاڻ پرياڻ ٿيو، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

مالڪ ويا ماڙيون مٽي، ڪي ڏينهن قسمت جا ڪٽي،
پرڏيهه ويا اڪڙا پٽي، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ماڻهو مٽي ۾ ايا مري، وسري ويا وڳهه ويڙن وري،
ڪنهن ڪاڻ خبرون جي ڪري، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

خاطر وڏيرن جي وڏي، اوڏن عمارت جا اڏي،
تنهن جي ڏٺين دعوا ڇڏي، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

وو وو! وڳهه جيڏي وڏي، اوڏن عمارت جا اڏي،
تنهن ۾ نڪو ماڻهو مڙي، هي جاء ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

مضبوط محڪم ميل ۾، سهڻو سوايو ميل ۾،
وارث ڇڏي ويا ويل ۾، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

هوندا هتي حاڪم هئا، دودا دلاور ٿي مٺا،
ماڙيون ڍليون ماڻهو مٺا، هي جاء ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

پڇندي پڇڻ وارا ٿڪا، وو وو! ميلي ورندي نڪا،
بندو بلاشڪ بي بقا، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

آيس سو پروسج وڏي، وو وو! ڪو ورندي ڪولهه ڏي؛
ايئس پچوئي ڏينهن سڏي، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

هن قلعي ۾ ڪالهه جي، سرها گذاريا سال ٿي،
هاڻي بڊائن حال سي، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ڪالهه ڏيئي ڪا قيمت وڏي، مضبوط ماڙي جن اڏي،
ڪڏانهن تن جي لڏ لڏي، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

ڇپ ڪين دلبر ڌاريو، يا ڪو ڏسر ڏيڪاريو،
ڇو ڪين وائي واريو، هي جاهه ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

مغرور کهڙو مٺو اٿئي، ڀانئين ۾ ڀورا ڀٺو اٿئي،
وڏ عمر ته ٻه سٺ سو اٿئي، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟
ڇا تي ميان آهين مٺو، ڪي ڏينهن قائم ڪوٽ ٿو،
پڇندا پيا ڀويان ٿو، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟
ڇا تي ميو آهين ميان، ڪيندئي ڪينئان هڏ چم هيٺان،
هي ٺاهتي ساميهين ڏيان، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟
جن جو آهين اولاد تون، ڪيڏانهن ويا ڪر ياد تون،
آهين ٻه ڏينهن آباد تون، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟
تنهنجا ٻه مائٽ ويا مري، تن ڪان خبر ڀيڄ ڪري،
ورندي نه ملندي ڪاوري، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟
'احمد' اڄايو حرص ڇڏ، ٿومون هيون هت ڪالهه ڪڏ،
اڄ ڪو مٽي ٿو تن جو سڏ، هي جاءِ ڪنهن ڏي ڪو جواب؟

زلزله ڪوئيٽا

اڪيون ڪـول انسان هڪ منٽ ۾،
مٽي مست مهمان هڪ منٽ ۾،
اٿئي روح ريحان هڪ منٽ ۾،
گهمي ڏس گلستان هڪ منٽ ۾،
اڄا ٻاد جهان، برما بهار،
ته آيو وري اوچتو اشتهار،
ته ڪيو قهر ڪوئيٽا تي قادر قهار،
ختم ڪم ڪوهستان هڪ منٽ ۾.

سنڌي ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سنجهي جو مٿا جي، ڏڏي هير تي،
بدن گل بڻيا، باد شبگير تي،
اسر وقت وريو، وڳرو وير تي،
تباهيءَ جو طوفان هڪ منٽ ۾،

اسر وقت اکڙيون ڳريءَ ڳهر ۾،
ته ڪوٺيا اچي ويو ڪنهن قهر ۾،
سدا شغل، شاديون جنهن شهر ۾،
سڀي ڪوڪات ڪانءُ هڪ منٽ ۾.

سنجهي شهر ۾ شغل ۽ شاديون،
گلن سين مڙهيون، کهوٽ لئي گاديون،
فجر وقت فرياد فرياديون،
خوشيون کيل خيمان هڪ منٽ ۾.

سنجهي جو مٿا خان کٽ تي کلي،
اسر وقت سڀ ويا مٽيءَ ۾ ملي،
رهين دل جو دل ۾ ايرادا دلي،
سڀا ساز سامان هڪ منٽ ۾.

وڇڻ وقت گلشن ۾ ڪن کهوٽ گشت،
ٻنيرڪي بڻيا، سي بيابان دشت،
ڀري باهه ات، جنهن کي پائيٺون بهشت،
ڦٽا باغ، بستان هڪ منٽ ۾.

سڄڻ ڇا سلان؟ ڳالهه ان سور جي،
مصيبت سندي سوت مذڪور جي،
ته ويا ڀڀرين ڀور ۽ ڀورجي،
عجب رنگ انسان هڪ منٽ ۾.

جتي بنگلا باغ، بستان ڪئين،
جن لئي مڙيا مال مستان ڪئين،
زبردست هئا، زبردستان ڪئين،
ٿيا ترت تباهه هڪ منٽ ۾.

سحر وقت سيڪو سمهي ننڊ ۾،
ته آئين اجل جي جهٽي ننڊ ۾،
نه ڪنهن، ڪنهنجي صورت ڏٺي ننڊ ۾،
جدا ٿيا جگر جان هڪ منٽ ۾.

اسر وقت آرام وٺڻ وٺي،
ته ڌرتي ڌُٻي ساڻ دهشت گهٽي،
هئي ڀڙ ڀٽين، هئي ڇت ڇٽي،
سڀڪ هيٺ سروان هڪ منٽ ۾.

منجهان سنڌ، پنجاب، ڪابل، قنڌار،
دلي خواه، پئي ديس ڪان ڌار ڌار،
اگهوڙن تي اگهرا، مڙيا مت سڌار،
ٿيا دوڳب دگران هڪ منٽ ۾.

جمعي رات جاني! ستاويهين صفر،
سوا ٻي بجي، ٿيو تن سڀ سفر،
نگونساز ويا شاهه، نوڪر، نفر،
ڦٽن نام نيشان هڪ منٽ ۾.

سٺو ڏيکهه، ڦوٽيهه، ويهه ميل ويڪ،
الهيءَ وچ ۾ آيو، ڪو لوڏوئي هيڪ،
نه ڪئي ڪنهن ڪنهينسان سلام عليڪ،
ٻريا شمع، پروان هڪ منٽ ۾.

مکيہ شھر مستونگ، ڪوئٽيا، قلات،
ننڍا ڳوٺ ھڪ سؤ، لڳي جن جي لات،
جتي عيش ھر قسم ھئا حاصلات،
مڙيئي ملڪ ميدان ھڪ منٽ ۾.

اڪٺھار ليکو ٻڌايو ٻڌي،
اسي کن ھزارين ڪر، ويندا وڌي،
ڪري ڪھل ڪر، ڪنھن نہ لالن لڌي،
ٿين حال حيران ھڪ منٽ ۾.

مٺا مير، ماڙيون ڍھي ڍير ٿيون،
دڙن ھيٺ دالھون، ڪھٽي دير ٿيون،
ولھن جون نہ واھون، تنھين وير ٿيون،
وئيون راھ رحمان ھڪ منٽ ۾.

ننڍا نو ڪمشنر رھي ويا رئيس،
بچيا ويھ، منجھان ڇئن ھزارن پليس،
ڪريا ڪوٽ، ٿيا ڪوئٽيا پاس ڪيس،
ڪپر ھيٺ ڪپتان ھڪ منٽ ۾.

ختم ڪيل، ڪاتي ھوائيءَ سندو،
رسالو ٻہ چٽ، ريلوائيءَ سندو،
ھليو ڪوس ان ڪاروائيءَ سندو،
حڪم ساڻ حنان ھڪ منٽ ۾.

يتين ۾ اھي ويا بھادر بلوچ،
لياڻ جن ليئريا، ڪڍو سمجھ سوچ،
ويا لعل لڄي ڪندي لوچ پوچ،
ٿيا خون ڪئين ھڪ منٽ ۾.

گهٽا گهوٽ گهوڙا! ڇپن ۾ ڇپان،
لٽيا لاش لالن، ڪڙهي ٽيا ڪنان،
نه سرڪار ڪوڻيا، نه ڪوڻ ڏنان،
دڙن هيٺ ديوان هڪ منٽ ۾

هٺا سؤ تي، سورهن جٽا هڪ ڪٽنب،
مڙن ڪي ز ڪيا موت ميني تي سنب،
بچيا ات ۾، باقي منجهان باغ انب،
غمن ۾ سي غلطان هڪ منٽ ۾

سندا شهر، شڪارپور شاهوڪار،
هوا ڪي الهي هند پارهن هزار،
نه آين ڪو اوڏو، ڪندي انتظار،
ڏناٺون جلي جان هڪ منٽ ۾

سچي شهر تان، سانر ڦريو ستي،
حشر حادثا اچ هزارين هتي،
جتي راج هوا، روج راڙها اتي،
متا گوڙ ڪمسان هڪ منٽ ۾

جتي ٺي رهيا راج ڊوليا ۽ ڍٽ،
اجل سپ اجاڙيا، اسالڪ، اڦٽ،
بچيا سؤ تي ڏهه چار تن ۾ به چٽ،
ڦٽو لڪ، ڦٽي ران هڪ منٽ ۾

جتي مغز واسيو، ويا واس سان،
هٿي هير هپڪار هر پاس مان،
بيهي ات سکهي ڪونه اچ پاس مان،
لڙهي ويا به لعهان هڪ منٽ ۾

پٽنا دادلن جا، دڙن هيٺ دم،
اسر وقت ڪيئون آستانو عدم،
ڏيا ڪوٺيا ۾ ڪروڙين پدم،
نقد، مال نقصان هڪ منٽ ۾.

جتي کهوٽ کهوڙن تي، کهوڙا اتي!
جتي لعل هٿا، لعل، ڳوڙها اتي!
جتي وصل واڳون، وڇوڙا اتي!
امن هنڌ، ارمان هڪ منٽ ۾.

ڪنڌين ۾ جنين، ڪاله ڪانيون ڪچل،
متي تان مٿي ان کي واري اجل،
هميشه هجي هڪ خدا عز و جل،
ڏين خاڪ خاقان هڪ منٽ ۾.

هٿي آس جنهن اوليا ۾ وڏي،
انهي کي به آفت، اهائي ڪڏي،
خدا پاڪ خالي ڪرائي ڇڏي،
حويلي حسن جان هڪ منٽ ۾.

گدا ٿيو وتي، گل محمد وزير،
وڃي ڪل وڳر مان رهيو راڄ وير،
بدن ۾ بکون، سر اگهاڙي امير،
ويس شوڪتون، شان هڪ منٽ ۾.

سدائين هيون، جي سهاڳڻ پريون،
ٿيون ڏينهن هڪ ۾، ڏهاڳڻ پريون،
بکون هان ڀوڳين، ڀاڳڻ پريون،
پري رو پريشان هڪ منٽ ۾.

اميرن جو اولاد اڄ ڇورڙو،
ملي هن کي مشڪل ٽڪر ڀورڙو،
مليا ڪالهه، جن جي ڪڇڻ ٽوراو،
پلائون ۽ پڪوان هڪ منٽ ۾.

موالي وتن اڄ سوين سيٺيون،
هيون ڪالهه ڀرپور جن پيٺيون،
لٽا ليڙ، ان تي لٽون ويٺيون،
پسڻ ۾ پشيمان هڪ منٽ ۾.

لهو سار ساوا! مقيمن سندي،
رلي پاڪ رلڙين، يتيمن سندي،
اها ڪار آهي، ڪريمن سندي،
ٿئين عفو، عصيان هڪ منٽ ۾.

مڪن ڪلا، اندر آگ الا ٻرن،
ڦٽو شهر، شامت ڪئان منڪرن،
ڏسيو ڏيهه ۾ ڏوهه ڏونگر ڳرن،
جبل منجهه جولان هڪ منٽ ۾.

غضب غافلن تي ڪڙيو ٿو ڪڙي،
متي ڪنهن به آيو، نه مورهين مڙي،
وتن جي ڇٽويا، تن نه جوڙي جڙي،
وسيون، شهر، ويران هڪ منٽ ۾.

ڏيکاري ٿو ڏاتار ڏوهين ڏمر،
ڪنبي تان پڌن، ڪم چڱي تي ڪمر،
پڇي ڪين ايندو الاهي امر،
اچڻ اهل ايوان هڪ منٽ ۾.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

غضب غافلن تي ٿو ڪوڙيون ڪري،
ڪڏهن ڦهر، هڻندن تباهيءَ تري،
ڪو سمجهي ته، وڃلو خدا ڏي وري،
ڇڏي ڪار ڪفران هڪ منٿ ۾.
عرضدار ’احمد‘ جو آڌار هُئو،
لهي مان سڪرات ۾ سار هُئو،
پڙهي پاڪ ڪلمون پسان پار هُئو،
امن مان ايمان هڪ منٿ ۾.

جهمپير جي گاڏي جي حادثي بابت

حادثي جا خال ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن،
جي اکين مان جال، ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن.
کوهه ڇاڏان ڦهر کهڙو وچ ڪراچيءَ ڪونڙي،
جنگ، جهم جنجال، ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن.
ٿي سڀئي ڪان اڳ سٽيشن، موت جي سامهون صحي،
اڳ نه وڌيا وال، ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن.
ٿيا ڪراچي جي عوض، ڦاٿو ڦهر جي ڪوپ ۾،
منجهه منيءَ متوال ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن.
جن اچا آسيون کڻون، اڳتي الدر ۾ سانديون،
ٿيا فنا في الحال، ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن.
ڪٿولر ڪيڪاڻيون ڪندي، ڪيئن ٿيا ڪڙهي ڪارا اڱار،
پرٿيل ۾ سال، ڏسندي ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن.

آڪ اٿ ڳاڍا سچا، ڪوڙي ۾ ڪيا قابو ڪٿي،
پوءِ پڌري ڳالهه، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
پاهه ۾ جيئري جلي، ڦلهيار ٿيا، ڦلهيار سان،
ڪوڪ ڪنڌ ڪنڌال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
ڪي ستي ٿي يا مڙي ڪن ڪي ته اساريو پيا سڙون،
ڪن ۾ چا ڪنگال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
ڪس تي ڳاڏو ڳس جو ايو تنهن تان پاڪستان ميل،
ميل چاليهه چال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
سئو مڙي ويا سنڌ ۽ پنجاب سر حد جا سرار،
ٿيا پنجي پيمال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
وير ۾ ڪنهن ور وڃايو پٽ ويا ڪن ڪان وبا،
ڪنهن جي ضايع زال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
ڪيئن سڳاتن ڪي سڃاڻن پير هٿ منهن نڪ نراڙ،
چٽ ميٽي چنسال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
جپ پهر جيئن پهارپا مڙهه متي ۽ هيٺ ڏين،
سان چون چون چال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
لاش ڳولينديون ڪي ڪي ڪيئي ڪاريون هڏيون،
اي اکين احوال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
ڪير ڪيري ڪي سڃاڻي؟ ڪير هي، يا ڪيترا،
مت منجهي متوال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
ڪم خطائون يا خدا! نه ته خير ڪونهي خالق ۾،
شامتي اعمال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
هر جماعت ۾ جمع ڏينهن، پڪڙيون خبرون خميس،
هي قضيو ٿيو ڪالهه، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

Scanned with CamScanner

پرهه ۾ پنجون ٻجو ننڍڙا وڏو سڀ ننڍ ۾،
لوڙجي ويا لال ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
سال تيرهن سؤ ڇيهتر ۾ ساسهاڻ سڙندا رهيا،
مرد مايون مال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.
اوچتو آين اجل، نہ 'احمد' پنيون آسيون اندر،
رحم ڪئي رب شال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

سال ١٩٥٥ع جي شروعات ۾ مينهن نہ وسڻ تي چيل

ملڪ جا مالڪ مٺا مختا! مولا مينهن وساء!
ڏينهن ڏکيا ڪر ڏور، ڏيهہ ڏاتار! مولا مينهن وساء!
ڪئي ڪڻن ٻوڪار پالڻهار! مولا مينهن وساء!
وڻ ولين جي وات ويرن وتان مولا مينهن وساء!

هٿ اڀا هادي! تو اڳيان، حال هيڻو منجهہ حضور،
تو ڪنان مخفي معافيون، تو اڳيان زاريون ظهور،
هٿ نہ هلڻو زور ۾ زاريون اکيون ٿيون ضرور،
پاڇهہ سين پاڻهن جي ٻڌ پاڪار مولا مينهن وساء!

پيا نہ سڌندا سڌ تہ ڇا، پر تون نہ سڌندين ٻوء تہ سور،
سڌ سڀج سانہ سچا! توکي عرض آدي اسور،
ڪر ڪمينن تي ڪرم توڻي هجن ڪيڏا قصور،
بخش ٻانديون پيچ بخشڻهار مولا مينهن وساء!

ڏيهہ کي ڏاتار! ڏاتيون ڏوه ڏسندي تو ڏٺين،
ٻوء تہ هٿ ڪڏي هٿڙي آئيون نہ حيلو منجهہ هئين،
آسرو آهي اسان کي جلد راضي رب! ٿئين،
لاهہ ڀڄلين تان ڀلا! ڀلڪار مولا مينهن وساء!

سر نوائڻ ٻي نوا ناقص نوازيندڙ! نهار،
جي وڃن وايوڙيا، سي وانڍيون واري ويهار،
مينهن گهاٽو گوڙ پرتو، تنهن پٺيان ٻوندون ٻهار،
ٿي وڃي ٿر بر مٿي ٿڌڪار، مولا! مينهن وساءِ!

وس وٺي ۽ وس ڇڪا، وسري وسيلا سڀ ويا،
هٿ ڪنياسون، هٿ نه ڪڻ، تون هيڪ، حيلا سڀ ويا،
ڪي ڪٿي ۽ ڪي ڪٿي، ڪاهي قبيلا سڀ ويا،
بس تو ٻاريءَ هيڪڙي تي ٻار، مولا مينهن وساءِ،

وينديون ور ور ٻه ٽو ڪي، ٻيو وڃون وو وو! ڪٿي،
ڪاٺيون ڪٽڻ نين ڪاريون، ڪک، ڪل ڪوڪو ڪٿي،
ويا ولهارڻ مال وڳر، آپرين پٺيان آءُ ڪٿي،
پاڪ، پوري ۽ ٻڪي ٻيمار، مولا مينهن وساءِ!

ڏڻ مري ٿو، ڏيهه ڏٺي! ايءَ دانهن هر ڪنهن ديهه ڏانهن،
ڏينهن ڏکيا ڏيهه ڏليا، ڏوهه، ڏهه ڏهه، ڏيهه ڏانهن.
هڻ ڪي هڻن ڪڻ ڪان ڪنوائين، سن ڪينوائي ڪيهه ڏانهن،
ڪيڪڪر ڪنهن ڪنهو ڪان ڪلتار! مولا مينهن وساءِ!

رب رحيم تنهنجو نالو، رنگ رحمت جا رچاءِ،
مال ماڻهو ۽ مرون سڀ، پڪ مرن تنهن کي بچاءِ،
ٻوڄ ٻاٽي ڪر ٻڌن تي، ٻوڪ کي پرور! پچاءِ،
ٿيون سڪن ساريون، سگهو لهه سار، مولا مينهن وساءِ!

اڄ نه آڪا! تون اسانجي، عادتن، اعمال تي،
ڏي معافي مهر ڪر، ماڻهن مٿي يا مال تي،
مهر ڪر ماڻهن مٿي، يا پرٽيءَ پائيمال تي،
آهي هرهڪ جي ته حالت زار، مولا مينهن وساءِ!

Scanned with CamScanner

نيڪ يا نيڪار آهيون، تہ بہ سهاري تو سندي،
مال ماڻهو ۽ مرون، سرور! ٻناري تو سندي،
سنڌ سائي ڪر سبب، نالي سونهاري تو سندي،
ڪر ولاسو ۽ ونڱو، وسڪار، مولا مينهن وساءِ!
جلد مولا مينهن وساءِ، گفتگو گل جي اِها،
جلد مولا مينهن وساءِ، بات بلبل جي اِها،
مينهن وسائي مهر جو، ڪيرت اسان ڪل جي اِها،
جهنگ، جر ٻرپٽ، جبل جهونگار، مولا مينهن وساءِ!
واڳ سارنگ جي سکهو، ڪا ملڪ تي موڙي وڃي،
مهر سان مانڊاڻ مينهن جي، جلد ڪا جوڙي وڃي،
منجهہ ڇنن، ڇاڇر، ڇپر ڇب ڇب، مٽي ٻوڙي وڃي،
ڇهڇٽو، ڇيهو ڇلڙ ڇوڏار، مولا مينهن وساءِ!
ڦير ’احمد!‘ اڪ اتر، الحمدلله آگيو،
ڪڻ سڻائي ٿي ڪنوي، خالق خطائون سڀ ڪميو،
منجهہ نارو، نار ناري ۽ ٻيسر ڪان نميو،
ساڻ ڪلمين ڪل ٿيا ڪم ڪار، مولا مينهن وساءِ!

سال ۱۹۵۵ع جي گهڻي مينهن پوڻ کان پوءِ چيل

بخش ٻخشڻهار! وچڙيون وار، واري بي ولهار،
سنڌ سڄي ڏمڻار وچڙيون وار، واري بي ولهار.
هي بدينا ۽ ٻنورو، ساتلي ۽ ميرپور،
تعلقا سڀ تار، وچڙيون وار، واري بي ولهار.
ڪو ٽڙي، ڪنري، ڪراچي، ڪاڪ، ڪنڊيارو، ڪنڊو،
تار ٿي تاهار، وچڙيون وار، واري بي ولهار.

Scanned with CamScanner

هڪ ته ڪاروڻيار ڪڙڪيو، ٻيو ڪڪر ڪارون ڪيون،
مينهن نايا نار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
اڄ تلاءَ اڇرالا جهو، ٻولن ۾ پاڻي سر پڻن،
پرهه ڀُرهيل ٻار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
ساريون سر سير ۾، ورهيو وڏن، ووٽن مٿان،
غرق گل گلزار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
ڪجهه ته ٿئي ٻوڏ توڙي، سوڪ ۾ سرڪار ڪان،
اي سدا سرڪار! وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
هڪ ٻريا ڍورا ڍنيون، ٻيو ڍونڍ ڍورن ڍير ٿيا،
ٿئي سيروَن ۾ مار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
ڪوليئين تان خوب گهارا، روڪيئين تانُ روڻ بند،
بند ٿيا بيڪار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
هول ۾ هالا مٽياريون، دف ٽٽو، دادو نواب،
ڪام ڪهر ڪئين غار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
طالب المولي مذڪر، ڳل ضرورت ۾ ضرور،
سر ڪلهن ڪوڏار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
ڪئين ٻچڙا، ٻارن ٻُڏين جون، اڄ ٻيارون ٿا ٻڏون،
اڄ الدر اڇنگار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
قوم جي ڪاراڄ مون تي، ڪاروانُ اخبار ۾،
ڪر ڪرم ڪلتار! وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
مفتَ مايون ڦوڪ ڏيو، مونکي مٿو پٽيانس ڪن،
چاهه مٿي ٻوڏار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.
هٿ ڪٽي هاري، زميندارن ۾ زاريون روهه زمين،
ڀاڳيا بيزار، وچڙيون وار، واري ٻي ولهار.

سر ڏِکي داهين ٻيا، ڪي درزيو دڪان ڪي،
ويو ٻيهي واپار، وڃڙيون وار، واري ٻي ولهار.
مولڪ تنهنجي ملڪ سارا، مينهن جا محتاج، سڀ،
پنج، بمبئي، ملبار، وڃڙيون وار، واري ٻي ولهار.
"پيچ بادل" جي بجا، ٻيوس ٻندا "سِس‌بس" چون،
ٺُر ٿيا ٻيڻار، وڃڙيون وار، واري ٻي ولهار.
اڳ ٻه ڪيا آگا! تو آگم، عرض 'احمد' جا مڃي،
ٻي ٻه ٻڌ ٻاڪار، وڃڙيون وار، واري ٻي ولهار.

ٻوڏ نامو

(١٩٥٦ع جي سنڌونديءَ جي اٿل وقت چيل)

سنڌ سلامت رک تون سائين، مهر ڪر مهراڻ جهل،
هن مهل مٿي موهڙ تائين، مهر ڪر مهراڻ جهل
تون اڳهو آهين سنڌو، توري آهاٿل سڀ اڳهور،
تون ڇپر ٻڻ تنهنجي ڇائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
هول جهڙيون حالتون، حيلا نہ هليا حاڪمن،
تو ڪي سکهہ سيڪا سدائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
ميلڪ تنهنجي جي‍ن، مـلڪ، مُلڪ مالڪ! معاف ڪر،
ٻيو نہ ترهو توڙ تائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
پرت مينهن، مهراڻ پرتو، ماپ مهندين ڪان وڏ ٻڪ،
ڏهہ ڏهين، او ڦوٽ نائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
ٻيت ٻکي، ڪنهن ٻـَت وٺي ٻـَت، سر ٻـِٽن ٻـَٽ ٻا ٻـَٽي
جهوڙي جوڙيون ڪڪائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
ڪنڊ ڪنڊوءَ ڪي ڪنيو، سونڪو سڪر، سڪرنڊ ۾،
هول ۾ هالا هنيائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
سر ڪيا سيلاب سنجر، ٻڻ سجاول، ساڪرو،
ملڪ ميڙيا سر مٿاهين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
ساهہ جو سونڪو سپاهہ و شاهہ ڪي، ساهوءَ ڪنان،
ٿي ٻيا مسُهن تڪ مٿُهائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.

نڪرين سان نڪريو، نمٽار ڪيائين نيه ڳوٺ،
جهنگ، جبل ۽ جهور جهائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
گوڙ گهليون تي گهٽا، گهارو گهٽي ۽ ويو ڪٽي،
ميل ني، ميلو وڃائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
هيٺ هولن ۽ هزارين، هٿو هوائي ۽ سوار،
ڊوڙ ۽ ڊائين ڊڳائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
ڪڙ مٿان قابو ڏسڻ ۾، هيٺ ڪاروبار ڪٽن،
آب آدمي ٿو آتائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
هنڌ ڏاڍي ٻاهران، پاڻ لڳو ٻاتار ڪان،
روڪ يا رب! روڻ رائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
تو چيو لاتقنطوا ٻڌ، تو چيو ڪندس قبول،
جي ڪندا ڪو عرض آئين، مهر ڪر مهراڻ جهل.
عرض 'احمد' جو تہ آگا! لاهي، لاهو لاهہ ڪي،
ڪج نہ منهنجي لات لائين، مهر ڪر مهراڻ جهل.

عمر ڪوٽ بابت چيل

ڏٺم اڄ اڪين سان عمر ڪوٽ کي،
عقل ورخ ڏسندي، عجب اوٽ کي،
لڪيو آفريدون عمر کهوٽ کي،
ڊلين ماڻ جاڏو ٻہ چاموٽ کي.
قلعا ڪوٽ قابو ڏٺم ڪيترا،
نہ جاڏو ڪو جهڙس ڏٺم جيترا،
سچا سال ست سو هلڻو هيترا،
اڃا ڪس نہ ڪا ڪوٽ ڀڪ چوٽ کي.

مٿي هيٺ نقشو نهاريو ويو،
مٿي پٽ برابر ٻهاريو ويو،
نه صدين ڪنان سو سڌاريو ويو،
اڄان اڪ پرائي ڏو اکڙوٽ ڪئي.

قلعو واه جو، ڪنگرا واه جا،
وٽن ڏا، منجهس ويڙه وڏراه جا،
سونهن ساوڪون، قسم گل گاه جا،
ويهي ڦهاڙ جانچيم پڇي جوٽ ڪئي.

وڏو ويڪرو، ڦير ڦرندو نه ڪوه،
مٿي ڪرڪ واري اڳو ڪوٽ لوه،
دونالين جي ڏوڏو ڪنديس اڄ نه ڪوه،
ڏپالي ڏو دشمن جي ڌڙوٽ ڪئي.

ڏکڻ پٽ پيا طرف باغ و بهار،
عنب، انب، انجير، ليمان، ليار،
ڪتان گل، ڪتان ڪيوڙا در قطار،
ڏسي باغ چڙيو بدن ڏوٽ ڪئي.

منجهس ڏل مٿاهون، نه توبون تيار،
ٻنايا جتي بنگلا بختيار،
لکين فوج لشڪر اندر اختيار،
مٿي ڪن سنوالو سپر سوٽ ڪئي.

اسرن اڳين جو عجب يادگار،
ڏسيو ڪوٽ قابو هوڻ ياد يار،
سنهالين سي سپ ٻڌي ويا ٻهار،
نهارين ناٿي نقد لوٽ ڪئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عمر ڪوٽ ڏسندي ڪيم آه سرد،
ڪڏهن ملڪ ۾ هئا مسلمان مرد،
ڏکڻ پيٽ عجب باغ هيا ارد گرد،
نظر سان ڏٺين عمر اڏڙوٽ کي.

هئا ست صديون سومرا سنڌ تي،
هئي حاڪمن هاڪ هر هنڌ تي،
ٻڙودو، بيڪانير، ٻيج، هنڌ تي،
جهليو ڪنهن نه ڇنڇل سندن چوٽ کي.

اول اهو سومار ڀونگر ڀلير،
چنيسر ننگر شير، دودو دلير،
۽ طائي ۽ طاهر هئا ڇٽ ڇپير،
مُڙن ڪين، مهڙو چون موت کي.

ٿيڻ ووه! ويران ويڙهو تڏهن،
اچي پاڻ ۾ جنگ جهيڙو جڏهن،
رهيو ٻاءُ نه ٻاءُ ساڻ ٻيڙو جڏهن،
سڳو سوٽ، سوٽ لڳو سوٽ کي.

ڦٽا ٻوه، ڦٽي صاحبي سومرن،
هٽائي هيڪ ٻئي جي سڄڻ سومرن،
وڳهه ويا وڳا ويا مٽن سومرن،
ڦٽڻ ري نه ٻي ڪا! فتح ڦوٽ کي.

عمر ڪوٽ آهي، نه آهي امير،
نه سينهڙو، نه ٻيرو، نه راڻو همير،
نه مومل، نه مارئي، نه مارو، نه مير،
مڙئي منهن ٻيا موت اڻ موٽ کي.

Scanned with CamScanner

عمر ڪوٽ احوال ڏني ته اهو،
حڪومت هلايو ته هڪ ٿي پيهو،
ٿين ڇڙوڇڙ، تن ڇپهائي ڇپهو،
پنن لوڪ لاشڪ ڪٽي لوٽ ڪي.

حڪم آهي، حضرت نبيءَ جو لڳار،
ته عامل سو، جنهن تي رکي عام بار،
اميري گهرن، جي ڏيٺي اعتبار،
ته ونڊيس وري ليٽ نڙ گهوٽ ڪي.

گهري ڪير هن ميمبرڪ لئي مره،
ته وڙهندي وزارت لئي ٿيا ڪئين وره،
اچا سپ اونداهي، له پيدا پره،
وڙهيو پوءِ وڪانڊو وٺن ووٽ ڪي.

ڪنٺهار ڪهڙا ڪڙن پان ۾،
ته ميمبر جڏهن ٿا وڙهن پان ۾،
وزارت تي اچيو وڙهن پاڻ ۾،
وجهيو ڪين ٻانهن مان ٻوٽ ڪي.

ٿيو هڪ ته، هڪ تي له امرن هزار،
هجن جي هزارين، ٻڏي ڪان ٻهار،
ته هڪڙو هزارن تي تهدل تيار،
ڪٽن ڪٽ له ڪوڏا، ڪٽن ڪوٽ ڪي.

ڏٺيم دشمنن ڪي فنا فوت ڪر،
حشر ڏينهن ڪل هاشمي هوت ڪر،
عنايت جي 'احمد' مٿي اوت ڪر،
پناه پاڪ ڪامي جي پالوٽ ڪي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مسلمانن جي حالت زار کان متاثر ٿي چيل

او اڳيون اقبال عالم، اڄ نہ عالم ۾ ڏسان.
علم آدم جو نہ اڄ، اولاد آدم ۾ ڏسان.
ڏر مخالف ڏانھن موڙيئي، مهربانين منهن ڪيو،
ابر رحمت جو اسان تي، اڄ نہ آڪم ۾ ڏسان.
دوست پنهنجي ديس ۾، اڄ دربدر ڏارين مثال،
دشمنن جا دور دم، پرديس، دم دم ۾ ڏسان.
ڏيه تن کي ڏان ڏئي، جن تي ڏمر ڏاتار جو،
جي رکن جنت جي دعويٰ، سي جهنم ۾ ڏسان.
فخر ويا فرعون جا، نمرود ٿيو نابود ليڪ،
پر اسان جا جي عدو، سي عيش اعظم ۾ ڏسان.
ڪالهہ جن ڪاڻ ٿي ڪنبيا، ڪسرا ۽ قيصر قصر ۾،
تخت توڙي تاج تن، تاراج طلسم ۾ ڏسان.
شهر ۾ شاهينگ گهڙيا، سڀني سنجهي سندرا ٻڌي،
خان خالي ۾ ڪٽن تي، خواب خرم ۾ ڏسان.
ويو هٿي سوهٽي ڪٽي، ساهڙ سنجهي ٿي سير مان،
غم نہ غيرت هڻ نڪو، تنهن تان ڏمر ڏم ۾ ڏسان.
دين جي دعويٰ ڇپن سان، دل اندر دلدار پيا،
دين ٿيو درهم، دليون، دينار درهم ۾ ڏسان.
جي سخاوت ۾ برابر ۽ برادر ساڻ ۾،
سي مخالف هيڪ ٻي سان، مرض مرهم ۾ ڏسان.
پير پڙهيا ايا پنڻ ۾، پنهنجو پورهيو پاپ تن،
جن کي ڪافر تا ڪٿهن، سي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ ڏسان.
جهنگلي جاهل اجا ڪي، جان کي جهليو جهلين،

زاهدن جا ذڪر ذاتي، زلف خم ۾ ڏسان.
ناهه بلڪل ئي ڪمن مان، ٻيگ هٿو ئي ڪمان،
هر طرح حڪمت حڪومت، حڪم محڪم ۾ ڏسان.
جن نه ڪيڙيو ڪيت ڪوئي، سي ڪري مان ڇا ڪٽن،
منجهه ڌنڌي دائم رهن، سي دم بدم ڌم ۾ ڏسان.
اي ڪماين کي ڀلا ٻڪ ۾ ٻڪيا ري ڇا سري،
ري ڪمان روزي اٿيان، منجهه راڄ رم رم ۾ ڏسان.
جن نه ڏکين کي پڇيو، پيو ڪير ڏک ۾ تن پڇي،
اڄ غريبن جيئن غني، غمگينن غم ۾ ڏسان.
دين ٿيو مسڪين اڄ، هيڏي مدد ڪنهن کان مگي،
ڪان ڪا قوت ڪرائي، قوم مسلم ۾ ڏسان.
دين ۾ مسڪين جي، اڄ ملڪ مهندا دانهن آهه،
دين دانهيندي رهيو، مسڪين ماتم ۾ ڏسان.
ملڪ مقيمن ڪير مٽيندو، ويا سفر سانگي سخي،
هاڻ همدرديءَ سندي، همت نه خاتم ۾ ڏسان.
ملڪ ۾ موجود آهن، مرد، پر مڙدي مثال،
هي حياتي حرف هڪڙي، هٿ نه هلڪ جم ۾ ڏسان.
هيءَ حقيقت حال جي، حاضر هيئن مان سڀ هٿو،
جلد آن تي شل عمل لئي ڪنهن عزم تم ۾ ڏسان.
عرض 'احمد' جو ته آگا، عمر ۾ آسون ڏيکار،
مؤمنن جي مؤتمر، مڪي مڪرم ۾ ڏسان.

مغربي تعليم

ٽيس ھڻ عالم مان آئون، اکاڙي سر ٽيڻ وارو،
ٿيو مون بخت ٻالا، يا ٻلا ٻرسر ٽيڻ وارو.

ٽيس ڌهري، ٻنيس شهري- ڀيس ڀهري، چالت ڇهري،
خدا خود سان خودي، مرسل ڪنان منڪر ٽيڻ وارو.

وڃن مائٽ ميهت ذي مٿر، مگر مليو مٿهت مونکي،
سنيما ۾ صبح سانجهي، هلي حاضر ٽيڻ وارو.

ٽيس موڏو، مٿان ڀيئي، ٿئي منهنجو نه مٽ ڪو ميٽ،
گهمان گهٽيون وٽان ڇٽيون، ٿو ڇٽپ ڇهر ٽيڻ وارو.

آهيان منشي اٺم منشا، چڙهان جي ٿو ته، چوٽا ڏڪ،
حقي حقدار آهيان اڄ، ميان افسر ٽيڻ وارو.

ٻکهارڻ مان نه پرجي پيٽ، رشوت تي ڪريون رونشا،
مٿريتن ماڻ مٿر ٻر، گنج خانو، گهر ٽيڻ وارو.

ڀوهان رشوت وٺڻ تي ڀوه، واهڻ واه جا واهيان،
وڀهان واعظ تي ڀوه، گفتوئي گل، گوهر ٽيڻ وارو

ڇڪاسڻ ڪان ڇڪوڻ پنهنجو، لڪائڻ ۾ لليڇا خود،
اچي ڪو دادگر درڪان، ته دف دفتر ٽيڻ وارو.

ڪٿي ڪچندا امان سان ڪير، ڇوٺڊيل چالبازي سان،
ڀيهر ڀڻ ٻٽر امان جي تي، للو ليڊر ٽيڻ وارو.

هيس عورت ويس اسڪول ۾، آيس ٻڙهي آخر،
نمايم ڏر، نمونو لار مان ئي نر ٽيڻ وارو.

مزو ناهي مسلماني ۾ منجهان، ڪو هين مسلمان،
۾ ماڻهو ٻالڪ تي، ننگر ٺٺو ٽيٽر ٽيڻ وارو.

Scanned with CamScanner

موالي ملڪ جا ميمبر، شرابي شهر جا قاضي،
نيا لائق مٿي نبري، ته ڏاڍو ڏر ٿين وارو.
قيامت قوم تي قائم، سندن قائم مقامن ڪئي،
اهي عيوضي ته آباديءَ منجهان اوسر ٿئڻ وارو.
رسايون، رشوتون، لاپا، مڙيئي ميمبرن مهندا،
نه ڪنهن جي منهن مبارڪ مان، ذرو ظاهر ٿيڻ وارو.
حصا آهين هيٺين مان، مٿين جا، مگر مخفي،
پٽيوالو پٽي پئسا، آدم الدر ٿيڻ وارو.
ڦريون، ڌاڙا، ڌڙا ڌڙ، ڌڙ سڀ ڪان ڌار ڏيهه ڏيهه ۾،
منجهي هو ويا، صبح صاحب، وري واهر ٿيڻ وارو.
ڪرائي خون ڪئين ته به، خان ڪولي خوب، جي خنجو،
ڪينو لاشو، ڇتو قاتل، قصو ڪمتر ٿيڻ وارو.
اهو اسلام آهي ڇا؟ ته پڪلائي رهن چالو،
اِها بندش رڻ پچائڻ تي، اشو نئين سر ٿيڻ وارو.
خطا ڇا ناهي جوڙن، خان خدمت خلق جي خاطر،
غني عيوضي غريبن جو، ته گهر ڪنگهر ٿيڻ وارو.
پيهر هٿي مٿي هاڻا، اندر آفيس پڻ آفت،
وڃي منجهه شهر شايد، بند منجهه بکر ٿيڻ وارو.
اسين عصمت لٽائڻ ۾، ڏيون ٿا، ليڊ لنڊن کي،
چتيءَ مون چڙ، ڇڙي ڪويون، دنڊو ڏيکر ٿيڻ وارو.
اهو اسلام آهي ڇا؟ ته مرن مان وڙهجي ملهه،
بهادر بي بها، ڏُر مان، پريل پاڪر ٿيڻ وارو.
ڏکڻ ۾ ڏيک پري تنهن ڪان، بڻدي ٻن ڪي مرڻ گهر جي،
مٿن مومن سندو نالو، بنهه بدتر ٿيڻ وارو.

نه مردن منهن ۾ مڇ ڏاڙهي، اگهاڙي اٿ ڪان وٽ عورت،
وٽي سو ڪام گهر، گهمندو گهٽو گوندر ٿيڻ وارو.

ڪراچي گهر، ڪلفٽن گهر، منگهو گهر، خواه ماريپور،
شرم ڪر، شهر جيڪو گهر، نظر نشتر ٿيڻ وارو.

اهو اسلام آهي ڇا؟، نه وڍن هٿ، وٽي وڍيون،
هلي جنهن راڄ ۾ رشوت، اهو ابتر ٿيڻ وارو.

اسان کي انگريزي تربيت، ترتيب سان ڪاريو،
اسب هو ليڪ جنهن جو، سو نپٽ لاهر ٿيڻ وارو.

ڇون قرآن ۾ ڪجهه ناهي، ڪوڙا قاعدا ڏاهن،
ڪري قرآن کي قانون، ڪيئن ڪافر ٿيڻ وارو.

نهاريو نجد ڏي، فرقان موجب فيصلا ٿين ٿا،
امن اولهه، امن اوڀر، امن ٿر ۾ ٿيڻ وارو.

اسان ڀانيو نه اسلامي، حڪم هلندا حڪومت ۾،
هتي ڇاهي شريعت، بلڪ، شور و شر ٿيڻ وارو.

هئي قرآن جي جا ڪالهه، ڪجهه سکيا سڪولن ۾،
نه سي استاد اڄ، شاگرد پڻ ششدر ٿيڻ وارو.

نياڳي قوم جا قانون ڪئين قرآن سان ٿڪن،
نه آيت اڏ پڙهيل، سو ملڪ جو ميمبر ٿيڻ وارو.

ٿيا ڏهه سال، ڏيهه ۾ ڏوهه ڏهوڻا، ڏينهن هوندي رات،
اڳي آزاد هو جو، سو وڏي ويتر ٿيڻ وارو.

وزارت تي رهن وڙهندا، ڇهن مهيني ڀڻن تي ڇٽ،
ڪيڏو هڪ، ٻيو چڙهيو ڪرسي تي، صاحب سر ٿيڻ وارو.

عجب هي دور دنيا جا، دورنگي دهريت ڀڪڙي،
مرن منڪر، نه سمجهن سور، ڪو محشر ٿيڻ وارو.

نہ آهي ڏينهن ڏيسين، دوست! دنيا دربدر تهين،
ڀلا ڇونديو، ڀلن مان بس، ڀلو بهتر ڏيڻ وارو.
نہ ڪر ارمان ڪو 'احمد' تہ اڪيون عام ڪي نہ آهن،
اڪر اڪثير تنهن جي جو، اثر آخر ڏيڻ وارو.

سڄاڳيءَ جو سڏ

جاڳ جاني! چور گهڙيا گنج خاني تنهنجي ۾،
جان! ڇڏ خمار ڪي، خائن خزاني تنهلجي ۾.
هنج هونگارون گهڻو ڪئي، هر ڪيو هيرن هٿي،
اهتو اچ باز آيو، آشياني تنهنجي ۾.
سا گهڙي ڏيئي گذر، جنهن ۾ گهمين گلزار، گل،
اچ عقابن جون اکيون، تو ۾ ٻہ، آني تنهنجي ۾.
مشرق و مغرب جي وچ، هو ملڪ تنهنجي ملڪ ڪالهہ،
اڄ پرائو هٿ پسان، پيسي، ڪ آني تنهنجي ۾.
جن تي ڀاڙيو تو ڀلا، ڀاڻي تہ ڏيندم پڙ پتار،
ناہ تن ڪي ڪو نظر، ننڍي ڪرالي تنهنجي ۾.
مشرق و مغرب جي وچ هو، جوسين جو مان شان،
توکي عجب آهي تہ، آهين خوار خاني تنهنجي ۾.
ننڊڙو تون پڻ نہ آهين، ياد هوندئي يار! ڳالهہ،
ٿي جڏهن قيصر ڪمايو، ڪارخاني تنهنجي ۾.
چين، مغرب، مصر، مرصل، هند، سنڌ، اسپين، شام،
ڪالهہ هئا سڀ درج دفتر، حاڪماني تنهنجي ۾.
واء ورندي اچ وڃي، پسندين وطن واديون واهار،
تان ڪڪر غم جا ڪندا، ڪارون ڪرالي تنهنجي ۾.

مصطفيٰ مرسل لاڏيندي، مُلڪ مِلڪ پرنيا،
سي نہ ٿيا غارت ادا! ڪي غائباڻي تنهنجي ٻر ۾.
هاءِ! تنهنجي حاضري ۾، هڙ هٽان لُٽجي وئي،
مون نہ ايءَ سُستي سٺي، ڏاڍي، ڪرڙاڻي تنهنجي ٻر ۾.
سو وڏن تنهنجي وڏا، لاهيو هزارن جا هيڻان،
هيڪلي هاڻي هنن، نيزا نشاني تنهنجي ٻر ۾.
ڪالهہ هيڻن جي حقن جو، ٿون هئين حافظ امين،
اڄ هميرن هٿ وڏا، خود حق حقاڻي تنهنجي ٻر ۾.
هو سچي عالم تي سچا! سيف تنهنجي جو سُٿهاءُ،
اڄ پسان ٿو سا نہ تاٻش، تازياڻي تنهنجي ٻر ۾.
قرب، قرباني ڪرڻ جا، اڻگڻ هٿا تو ۾ اڳي،
اڄ پسان آرس، تو ۾ اولاد، پاڻهي تنهنجي ٻر ۾.
ڪالهہ نَو ڪنڊ ٿي لوازئي، اڄ نهارين نان ڪي،
ڇٿو هوا هيءَ ڪهڙي آئي، آب داڻي تنهنجي ٻر ۾.
ٿو قلعا ڪوٽ ڏوڙيا، هن ڪراين ساڻ ڪئين،
ڪيئن ڇتي ڳهلا! ٿئي، جا ڳنڍ ڳاڻي تنهنجي ٻر ۾.
هر ڳهڙيءَ گل گل ٻوڪارين، ٻر ڪنڊن ڪان ڪٽن هٿين،
اي وفا! ٻلڪل نہ اي، ٻلبل ٻيالي تنهنجي ٻر ۾.
خون دل سان ديندارن، دين جو پاليو درخت،
ووہ! وڃي ٿو زمينا، سو زماني تنهنجي ٻر ۾.
ضرب ذلت، مسڪنت جي، تو مٿي لاڻڪ لڳي،
فرض، واڻهڙن جو والون، وهٽ واني تنهنجي ٻر ۾.
جا هنر حڪمت ٿيا، هيڏي سڌي ۾ حاصلات،
ٻروسو ٻورا! اڄا پاڻيز، بيگاڻي تنهنجي ٻر ۾.

Scanned with CamScanner

عقل، آزاديءَ ڪري، انسان اشرف ليکجي،
نہ تہ اڙيا خود خرہ ناھن، خان! ڪاني تنهنجي ۾.
آئي ساعت، سر ڪي سمجھن، بار سو ڀون سي ڪٿن،
تون نہ جيئن خوش، جبہ و دستار شاني تنهنجي ۾.
غرق غفلت ڪي نہ ڪريين، غير مسلم جا غلام،
لــاہ بــازي بيخبر، ٻندا ٻهاني تنهنجي ۾.
تون ڪڙھو ڪيھرن جو آھين، ٻر ڪري ڪجھہ نون ڏيکار،
جان رھي ڪا آھي قوت، ڪھر ڪاني تنهنجي ۾.
شير نر ناھين تو ڇا؟ رڍ جان رڙيون ڪھڙيون ڪرين،
صفدري آھي صفت، شجري شهاني تنهنجي ۾.
پيروي ٻهريتن جي ٿوري، جھل تہ ٻا ڪر ٻـهريين،
فيض ٻيو ناھي فلاني، ٻن فلاني تنهنجي ۾.
ڪنهن غرض ڪھارين اڙي، غافل! غلامن جو غلام،
شرمندا شايد ھجن، اڳوان طعني تنهنجي ۾.
جان حياتي آھين. ھٿ، پير، ٻنهنجا ھڻ حبيب!
آس ياري يار! رکہ، يا رب يگاني تنهنجي ۾.
وڃ، ويھہ ڀانئج ونهيا! وھلو وطن آزاد ڪر،
جور ڪي تکبير جون، تارون تراني تنهنجي ۾.
منزلون مقصود ڏي تون، جو ميان! مارين ٻڏام،
قافلا سالار ڪهڙو؟ ڪارواني تنهنجي ۾.
سا ٻلي ٿيندي ٻلائن جا چري دارا ڏنار،
رڃ ٻگڙ رت ڪي آجيا، رستي رواني تنهنجي ۾.
ڇوڙ جاني! جنگ جهيڙو، مٺي جماعت ڪي جيار،
ڪي خدا لـيگ، جا خصومت خانداني تنهنجي ۾.

Scanned with CamScanner

سک وري تعليم تازو، ور تجارت ڏانهن تيز،
بوء ساري ڏس سڏارا، ساليانِي تنهنجي ۾.
ره مسافر، ملڪ ماڻيو، ماڳ ڏي، تانسين نہ موڙ،
ناه جانسين خوش، جانبازي ڪر جالي تنهنجي ۾.
ڪر فنا في الحال فائق، فرقہ بندي جا فتور،
ايڪتا گهرجي ارادي، مخلصاني تنهنجي ۾.
مُلڪ تنهنجو ملڪ تنهنجي، مفت مالڪ پيا مکر،
ڇا ادا! اغيار جو ڪم، آستاني تنهنجي ۾.
ايڪتا ڏي ڪوٺ 'احمد' قوم توڙي ڪَن پڌا،
تہ بہ هجن مرُدرج داڻهون، داستاني تنهنجي ۾.

سهڻي جي مدح

حمد هادي کي هميشہ، هر زمان هر گاه جو،
آهہ مالڪ مُلڪ جو، مختار محشر گاه جو،
رب رسول الله کي ڪيو، راست رهبر راه جو
ساريو ساريان سدائين، سات سرور شاه جو
دل دليلن ۾ دشي، دورو پسي درگاه جو،
سير ۾ ساهڙ رسج، چيڪدم سبب سيڻاه جو.
موج ماڻي موج ۾، محبت سندو مهراڻ مست،
جنجهہ جهازن ناه جت، تارو اہ تنهن ۾ تنگ دست،
دوست دليا جا ڏين، سي دور ڏسيو دل شڪست،
آر اوپارا سهي آڪرن، اهي عاشق الست،
لاهي لاڳاپا رکيو، جن آسرو الله جو.

ڪَن مٿي ڪرڳل ڪُنن جا، ٽو ڪري ڪڙڪا ڪپر،
واء ڇهو ڇمڪي اتر، ڇانيون ڇرون ڇوليون ڇپر،
آر اوپارا عميق ن، آهـ اوڙاهون اپر،
پاڻي کهڙا پچايان، پرت وارن اي نہ پر،
ٽوڪڙي درياه ماڻ، درسن ڪنديس دل خواه جو.

ٽو ڪري ڪڙڪا ڪپر، ڪرڳل ڪُنن جا ڪنڌ تي،
ويو هلي هٿ ڪان هٿيڪو، ٿاه هيٺڙو هنڌ تي،
پور پورن تي پون، پوريندس تنهن پنڌ تي،
صبر ساعت ڪيئن سهان، ساهڙ سڏي هُن سنڌ تي،
تن سڏن سرتيون ڪسي، نيو صبر منهنجي ساه جو.

پرت جي پينگهي ڪنان، پاڙيچيون! مون کي پڪون،
سرجندي ڪان ساهڙ يون، منجهه ساه ساهڙ جون سڪون،
سهنديس ڏم جا ڏمر پڻ، ڇيني ڇڙيو تا ڇڪون،
ڪيئن وهان ڪَن تي پون، ڪُن پاس ڪنڊين جون ڏڪون،
ڪيو اثر آواز اِن، منهنجي بدن تي باه جو.

باه ڀڙڪي سر بدن، ڀڪيو بحر ڀيريون ڀڃي،
منهن ڪنديس مهراڻ ڏي، مڙنديس اڪا منت پڄي،
ويندڙيس وعدي مٿي، سر خواه وڃرين ۾ وڃي،
صبر ساعت ڪيئن سهان، هٿ سامهون ساهڙ سڄڻ،
ان اشارن آنديس، اونهي مٿي اونداه جو.

ڪتوڪ ڪاري رات ٽي، ڪاڻهن ۾ ڪارونيار ڏي،
ترت ڪيو تيار مون کي، تن تنوارن تار ڏي،
سرمين سَن وات ڏي، مهراڻ، سهير پار ڏي،

ٻور ٻورن تي ٻسون، ٻوريندس ٻاتار ڏي،
رات ۾ ٽيندس رواني، رب وسيلو راهه جو.
ڪن تي ڪوڪارون ٿيون، ڪانهين ۾ ڪنديون ڦريون،
لارلس ٿاسي لڏي، مون کي ٻه لوڏا لهريون،
ڪُن لتکهي ڪنديس قربن سان ڪچهريون ڀهريون،
ڪر رهاڻين راتڙيون اي ڏيهه ڏٺي! ڏهه ڀهريون،
ڏم سٿو ڪو دم رهي، جو ٻڪ ٿڏي بي ڳاهه جو.
سر ڪلين وچڙيون ڪُڏن، ٻاڏا پسارا ڪن ٻڙن،
منجهه چلڙه ڇٻها ڀريو، چالون وڏي چاهه سان رڙهن،
ماهرو ماڏي ڄون مينهون، مهل بي مهليون سڙن،
خوب ڇينڪاريون چڙن کي، ڳاهه ۾ ڳجريون ڳهڙن،
ڇنگ وڏائي وڄايو، ٽو وٺي مون واهه! جو.
ٽيون ٻراڙا روز ٻهرن، ڳهڙڪ ڳجريون ان ڏڏيون،
جامِ سيڙهن جون صلاحون، مون ٻنهي ويلن ٻڌيون،
ڍوَ ڏراڙن دل تي ڪيا، ڏونري ۾ ست ديڳيون رُڌيون،
ٽن ورِين مان ور ڏيو، ڪليو مڙن ڪترون ڪُڏيون،
ڪُوپ آهي ڪانهين ڏي، ڪاهه ٻٺيان ڪاهه جو.
سونهن ساهڙ رات سندي، سير سِڪ اڳيان سڪو،
سنڌ مهل مٺين مٺان اڄ ٻٽ مهر جائي ٿکو،
دوست ڏسندي، دوست لئي، هاڻي له دريا ۾ دکو،
ڇت ڪيم چوري چريو، ٻيٽم چروڙيءَ مان ڇکو،
ٽاريئين اولا اکين، الڪو لٿو اوڙاهه جو.
ڏينهن ڏلي ڏاڍا ٿيا، کي ماريس تنهن ڏک ڏنجهي،
ڪڙڪ ڪن هاسي ڪُنڌي ۾، تي وڃي والکي ڪنجهي،

صبر ساعت ڪوڏ، ساريان، سير ۾ گهڙنديس سنجهي،
ترنديس تانگهو ڪِ اونهو ڇا ڪريان ويرن ونجهي،
منهن، لنگهي مهراڻ ڏسنديس محب ماهي ماه جو.

منڊ ميارِي سخت ڀـارا، سير ساهين سيءَ گهڻا،
سير ۾ ساهڙ ڪي ساهين، هٿ ڪڻان ۽ هٿ هڻا،
ڦاهه ترهو تـار ۾ پيو، تنهنجي تاري ڏي تڻا،
موت لئي موهن جهليس، موڙج ميهر! موتي ڪڻا،
اڄ گهڙو پيڪاه ڏيو، پيو غلغلو گجگاه جـو.

سو دفعا لنگهيس سلامت، اڄ نه ڇاڻان ڪوه ڏيو،
ڀر ڇڏيو ٻانهن ٻڏان ٿي، ڪُن ڪوهن جا ڪوه ڏيو،
سر لڳن لهڙون لپيٽيون، لُڙ ۾ لاشو لـوه ڏيو،
ڏي ڪريان درياهه ۾ دانهون، دوست! مون سان دوه ڏيو،
ســن رسي آواز اوسين، عجز واري آه جـو.

ڏيون لڳن لهرون لڪين، لهواريـون اوڀاريون،
ڪُن گهڻا گهمسان گهاڙو، گهور گهمرا گهاريون،
گهاريون گهريو وڃن، گهوڙا ڙي! گهوڙا ٻاريون،
دل دلي ڪان اڳ ڀڳي، دلـدار! ڏج دلداريون،
مون تان لطفڻون لهر لـوڏو، لاهِ لاهـو لاه جو.

لـهـر لاهـو لاه جـيـي، للڪار لاتو لات ۾،
نند نيم نيڻو نهوڙي، لنگـ ناتـو ناتـو نات ۾،
راج رسمون گهوريـون، رنديـاس راتو رات ۾،
وير ۾ واڳـون ڪٺي ويندو، سوا تـو، وات ۾،
گڏ هڪل همراز ڏيـي، همراه ٻـي همراه جـو.

ڪنڌ تي ڪاوڙجي رکي، ڏم ڪاتين تي ڪاتيون،
ٻڪ نہ ٻڌنديس ٻي فڪر جي، ٻاتين تــــي ٻاتيون،
هُت رهي ٿــــو روح منهنجو، راتين تــــي راتيون،
اِن ڇُرين، ڇيرن کي ڏيندس، ڇاتين تــي ڇاتيون،
ڪيئن هٿان حيلو ڪري، هوءِ هلڻ هيئن ڇم ماه جو.
ڇِتَ ٿِئي ما ڇا ڪِري، ساريم ڇُڪي جي ڇاش ڇاش،
دَور دريـا ۾ دلو، ڀــرزا ٻچي ٿــو ڀاش ڀاش،
سر لنگن لهڙيــون لپيٽيون، لهريــن ۾ لاش لاش،
ڪير ٿهدل تو سوا، تِـڪــ تــار ۾ ڪندو تلاش،
واهرو! رس واه تي، ســون واه ٿــي ڀــي واه جو.
ڇِت ٿِئي ما ڇاڪِري، ڀانيم ڇٽن تي جنهن کي ڇونڊ،
ڪن، مٿو، هٿ پير، هڏ، ڇم، هاڻ سڀ ڇولي ۾ ڇونڊ،
وات واڳن کي ويا، ڪِين ۾ وڏو ميڻسار سونڊ،
تہ ٻہ اڃا سهڻي؟ سين ساهڙ! ڀيو ڪري سختيون سمونڊ،
تنهن ديواني ڪــي ٿئي، ڏڙڪو تنهنجي درگاه جو.
اڏ دلو ٿيو دل ٻہ اڌ ٿي، رحم سان رب ريڙهيين،
ٻاجهہ سان ٻڌندين ڪي تارين، ٻئو نہ ڪم سان ٻيڙيين،
يــا الاهــي! ڪُن اڪاري، عــرب ’احمد‘ ميڙيين،
مهر سان مالڪ مٿا!، مون کــــي محمد ميڙيين،
قــرب قــادر بخشئين، ڪلمي ڪرام الله جــو.

(ٻيهر اکري) مارئي جي مدح

’الف‘ اڄ اڄان سين نه آسيون لٿيون،
ڪندو مهر مالڪ ملڪ جو مٿيون،
وڃي راڄ سين رس ريهاڙيون لٿيون،
سنجهي ڪان سنگهارن کي ساريو اٿم،
ملان ڪيئن؟ الهي مرض ماريو اٿم.

بدن ’بي‘ ٻلاتو پيو بند ۾،
رهيل، دل ڦٿيل ديس، دل بند ۾،
حياتي ٿيم حشر هن هنڌ ۾،
ڏکيو گوندرن ۾ گذاريو اٿم.

تندو ’تي‘ نه تڪرار جو تو ڇڏيو،
گنگهر ساڻ گذران منهنجو ڪڏيو،
صبح ويل سٿار کي سون سڏيو،
وڏو، ڏيهه، ڏٺي ڏڌ ڏياريو اٿم،

ٿمر ’ٿي‘، ٿيا سائيه پاس،
وليون وڻ ڦلاريا، ويا سڀ وماس،
آکيون آس پريون، اندر ٿي اداس،
سنگت سانگين جو سنياريو اٿم.

جيئڻ ’جيم‘ جيڏين سوا جاڙ ٿيوم،
اڃي منجهه عمر ڪوٽ آڪاڙ ٿيوم،
سيم ڳالهه، ساڻوڻ، صبر ساڙ ٿيوم،
پڇي پس پالر لئي پچاريو اٿم.

حڪم ’حي‘ هلائي نه هيڏا همير!،
اٿي آخرت ڏينهن اڳيان پيو امير!،

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مونکي ڇڏ ته موني وڃان ملڪ مارا،
تو رت کوه روئي رواڙيو اٿم.

خبر 'خي' خدا لڳـــ سڄ ڏيئي خيال،
ته ٿيو ڀهانگين ري جهڪو مون جمال،
ڳجهي ڳوٺ مين ڪا رهيم ڳاله حال،
اهو ڏک نه توکي ڏيکاريو اٿم.

متان 'دال' دولت تي ڏارين دماغ،
بقا ڀاءِ! ڪندا هي نه بستان باغ،
رهي دور دنيا دکي، پوءِ داغ،
تڏهين ڪوٺ تنهنجو ڪواريو اٿم.

ذرا 'ذال' منهنجو جسم جان ٿيو،
هيئون ٻي حويلين ۾ حيران ٿيو،
اچي گوندر سان گذران ٿيو،
ڏينهاڻي ڏکن، ڏيل ڏاريو اٿم.

رتي 'ري' نه راحت رهيم منجهه رتول،
هميشه هئين تي لڪين هور هول،
ڪنيس آه قيدن ڪڙيس منجهه ڪڙول،
ڳهڙي خوش ٻه ڳهوڙا! له ڳهاريو اٿم.

اٿم 'زي' زياده ذڪر سر زبان،
ته شب روز آنکي مڪان تي شبان،
مٺيو مون مَ مارو، ميان مهربان!
ٻره ڪان اهو ٻار واريو اٿم.

ستي 'سين' سهڻو ذڻم سچ صحي،
ته مارو مليم، مامرا وڏا لهي،

ميھا موڪ ماڻم، مليم ٻڻ مھي،
ٻلر، پس ھشھوارن ھاريو اٿم.

شڪر 'شين' منجھ قيد ڪريان تمام،
ڇگو ڪوٽ تنھنجي ڪنان قيد ڇام!
ڪيئن ڪاڄ تنھنجو خطر آھي خام،
نہ سو ٻس، ھُسين ساڻ ھاريو اٿم.

صفا 'صاد' سڪ ويو، سھان ھاڻ سور،
ڏکيا ڏينھن ٿيا، ڏيھ ڪاڻ ھاڻ ڏور،
ليي ڪوڻ مارن منجھان ھاڻ مور،
گھڻو لين نائڻ نھاريو اٿم.

ضبط 'ضاد' ڪر سون جٺيءَ ڪي نہ ڄام!
آھا آھ آھيان تہ اڳ ڪي ايام،
سون ٿي ملڪ ۾ مال چاريا مدام،
تيسيارين ڪي ٽڙنڙ تنواريو اٿم.

عمر 'عين' آھيم اندر منجھ اڪير،
سدا ساريان سين سانگي سڏير،
مزيدار ھو ملڪ منھنجو ملير،
قضا ڪوٽ ۾ قيد ڪاريو اٿم.

غرض 'غين' منھنجو ڪلم ساڻ ڪولہ،
سونھن ٿيون سھيليون سوا سير، سون،
وڃائو سون واري، سوا ويڙھ سٿون،
ڪلم تنھن جي ھٿو تہ ھاريو اٿم.

فڪر 'فيٖ' لھي ساڻ ڦوڙاھ جو،
مٿي سون وڃي مينھن ميڙاھ جو،

ٿي ٻند لس لڙڪ لوڙاھ جو،
ٻاٻاڻن سندي ٻڙ ٻاريو اٿم.

قضا 'قاف' ڇپلن جا ڇانگا ڇنم،
اکيون آب سان مثل ٻادل ٻنم،
لکي ڪالک کي ڪالھ ڪاغذ ڏنم،
اھو ڏونھ اباڻن اڏاريو اٿم.

ڪنديس 'ڪاف' ڪڙو ٻيو ڪونه اڄ،
رھي لعل لوئي اندر شال لڄ،
سڙيم مت رکڻ لٿي سڱونهن مثل سڄ،
اھو دل سٿي درد ڏاريو اٿم،

لکيا 'لام' ھي لفظ لوڀارين،
ته ماروئي! ڳنڍي دل وڃي ڏارين،
ڪر وڃين وساري وڃي واريون،
نشون ڏک نيوشتي اٺاريو اٿم.

ميان! 'ميم' ڪٿا مينهن منڊل منجھ ملير،
پلر پسڻ ڀريا، ٿيا ھدم ھس ھير،
ڳين ڳاچ ڳڏجيو ڪٺيرا خمير،
تو ڪوہ ڪير ڪاڻ خان ڪاريو اٿم.

لوان 'نون' سليم ٿياھا نبار،
انهي ڳالھ تي رک عمر! اعتبار،
سٽي کي سنيهڙا وڌيم غم غبار،
ڪلامن ڪين قلب لاريو اٿم.

وڃيو 'واو' وڙڪڻ وڄون منجھ واهار،
مولڪا مسرت موريا، منڊل ڪيا ملار،

لسن پاس لاکيون ٿيون لوڏين لار،
جهري جهير جيئڙو جياريو اٿم.

هٿيو هام 'هي' همت هنجون هاريان،
ويهڻ جي نه وائي هتي واريان،
سچي رات سانگي سندر ساريان،
وڃهل تنهن وطن جي وڳهاريو اٿم.

وڏي 'لام' اڄ آهي لوئي جي لير،
متي مير! ڪريان نه تنهنجا ملير،
متو مون نه ويڙهيو ميان ري ملير،
نه سرمو، نڪو سر سنواريو اٿم.

'الف' آس 'احمد' ڪي آهي اها،
ته وڃيو وطن ڏي وري منجهه ورها،
ختي موڪ مڪ سرت، مڪئيون ميها،
قلب ڪاڻ ڪاهڙ خماريو اٿم.

اٿم ياد 'يي' جيڏيون منجهه جگر،
سمر ساڻ سهليون سونهن وچ سگهر،
نه مون سرت ميڙيا لڪا ڏک مگر،
قلب ساڻ ڪلمي قراريو اٿم.

—

"اباڻا ياد آيا ڪي"

اکين آڏو پڌرو اڄ پڻ، اباڻا ياد آيا ڪي،
اندر ڪڻ ڪان ڪوئي، ڪاهڙ تي ڪوٺين ڪيل لايا ڪي.

سنهڙيم سانگ سيڻن جا، پلا ٿيا پاڳ پيڻن جا،
نماڻي نار نيڻن جا، نمازين تان نمايا ڪي.

ڇڙهيم من تي ميها ميٺي، وطن ونديس جيان جي ٿي،
ڪوڻ ڪاهڙ آماء ڏي ني، وريا هي واه سٺايا ڪي.

چنتا ڏولاءَ مان ڏوني، اٿو آڪاڙ جي ڇوني،
وڇون ورنديون ڏسان هو ٿي، بهاريءَ رنگ بنايا ڪي.

پسند مون پٽ، نه گهر جي ڪٽ، نيشاني اڄ لوئي تي لٽ،
ڪلهن پرهي پنهر پٽ، لو يارين ميٽ لچايا ڪي.

پٽن پاڳين جي پونگن پٽ، چمر چانون چنن جي چٽ،
پچر ڪوڙي پنهوارن تت، پروڪا پڙ وسايا ڪي.

ڏٺيءَ وس واهه جي جوڙي، پلر هي پاڙ ڪيه ڪوڙي؛
چپر چپ چپ مٺي ٻوڙي، ڪوائي سر ڪوايا ڪي.

سوين سر گاه ساماڻا، لچڻ لنب ۽ للر لاٽا،
منڌينڙا مرت مانڌاٽا، منڊل مڪٽيءَ مچايا ڪي.

پيون پولا پلوڻن ۾، لسيون موجود لوڏن ۾،
اباڻا اڄ الوڏن ۾، ڏراڙن دم دمايا ڪي

ڪڙيا ڪاهڙ ڪيڙ ڪيرون، هسيون پس ۽ پڀون پيرون،
پهون پوه پاوريون پيرون، سگر، من ٿيا سوايا ڪي.

پکو ساٿيه ۾ سانون، ڏيون ڏر ۾ ٿڌيرن چانون،
ڪڙهان ني ڪوٽ ۾ آئون، جدائيءَ جل جلايا ڪي.

ٻناريا وڻ وليون ڦليون، جهلن وچ جهنڊيون جهليون،
ڦڳا ڦونرا ڇنيل ڇلهيون، دونهان دل تي دکايا کي.
وٺا بادل منجها ٻرتين، ڦٽي دورا ڪيا ڊرتين،
ڪٽي سر ٻهلڙا سرتين، ٻلڻ لوڙين لڏايا کي.
نظر ڦڙهيم نه ڪاهن تي، نه ٿيا ٿهه گاه ڪاهن تي،
ڪٿين ڏڻ ڪاهه ڪاهن تي، لبيسر ڪان لمايا کي.
سڪيو ڏڻ ڪاهه ۾ ڪهاري، ڇڏي ۽ ڇنگ ڇينگاري،
سگهان ٻاڻ سينگاري، وري ڦوڙا ڦڙهايا کي.
تواڻ ۾ ٻيا ڏاڙا، لڳهه ان لٽي تي ڪيا لاڙا،
ٻڌا ٻاڙيچين ٻاڙا، لڳو لڳ ڪهر لڳايا کي.
گولاري منډ گونرن جي، ڏٺي ڏوڏو ٽي ڏونرن جي،
ڏهوٽي ڳالهه ڏونرن جي، ولين وڪڙا ورايا کي.
منه ماروائم من تي، ڪڪي جي ڪڙڪ ٻٽي ڪن تي،
وري ڇانگون هليون ڇن تي، ڏيئي ور ڏور ڏيايا کي.
ٻچي ٻڙا ٻڳهه ٻٽ ۾، نه ٻهي ماڪي مٽ ۾،
ڏڪو ڏک ڏولين ڏيٺ ۾، ڏموڙا ڏڌ ڏمايا کي.
وڏي سائي مٽي ماٽي، ٻگي، ٻوري مڙي ٻائي!
رڌي آئي رتي، رائي، ڪنا ڪرمين ڪڏايا کي.
جهڻيون ڪهانيون لڳن ڪهوڙا، ڦليون اڪ لونگ ۽ ڦوڙا،
اڇا انجا اڳڻ اوڏا، رحم سين رب رچايا کي.
ڇلڏيم هيرن هيڻون واسي، لڳن ٻانور جي ٻاراسي،
رهاڻيون ريلڙين ٻاسي، ڳنوارن ڳاچ ڳايا کي.
نه ولنديس مير تنهنجي مت، سچو سبحان رکندم ست،
پنهوارين ساڻ پرديس هت، عمر جا ڪم اجايا کي.

Scanned with CamScanner

نه مونکي وسرنديون ويڙهيون، ميان ميچ کي منت ميڙهيون،
ڏين ڀيڻون وري ڀيڙيون، جنين سان روح رايا کي.
عمر تنهنجو ڦٽي اڏيو، اٿئي مون کوه کنگهر کڏيو،
ڪڍيرين کوه اڇڻ چڏيو، ڦهارن ڪنبايا کي.
حڪم حاڪم نه ميڄو مون، ڪنهن پت هند پڄو مون،
وطن ڏي ڪيئن به وڃو مون، پره ڪان هه پچايا کي.
رکي لڄ هنهنجي لوياري، ڪيس مولا مدد گاري،
هئي جن، ڏي به تن واري، ڀڪي ۾ پير پايا کي.
اسين جنهنجي ڳڻن ڳولا، ملايا محب سي مولا،
لٿا 'احمد' اکين اولا، عرض آگي اکهايا کي.

"ٻر واهه ماني مير جي!"

ڪئين ملڪ ۾ مهمانيون، ٻر واهه ماني مير جي!
ڪئين ڀت، ڀڳا، برياڻيون، ٻر واهه ماني مير جي!
دنيا ۾ ديگيون درس ڪئين، ٻرڻا ملهائين ٻڌرس ڪئين،
عيدون عقيقا، عرس ڪئين، ٻر واهه ماني مير جي!
ڪن عيش آدمزاد ڪئين، عيدن مٿي امداد ڪئين،
يخني ٻلاهون ياد ڪئين، ٻر واهه ماني مير جي!
چوکن چڱن جون نه تہ چنيون، ڏوري اسان ڏسيو وٺيون،
موکون مزا، مانيون مٺيون، ٻر واهه ماني مير جي!
چوڏار چٽيون ڇهريون، تيار تازيون تهريون،
منجهه لوڪ لحمن لهريون، ٻر واهه ماني مير جي!
حلوان حلوا هر طرف، منڊيون مٺان سوڊا برف،
شيري شڪر سڀ کي شرف، ٻر واهه ماني مير جي!

Scanned with CamScanner

ڪٿين روٽ نعرا راڄ ۾، قسمين ڪباب ڪاڄ ۾،
تهريون طبق تاراڄ ۾، پر واهه ماني مير جي!
ڪٿين قورما قيما ڪُهن، شاديون شُغل شاهن شهن،
لحماً و شحماً لک لهن، پر واهه ماني مير جي!
بيشڪ بديڻ ۾ ٻڪا، ٻنهي ٻورو ٻت رڱا،
چوڌار چُوزا ۽ ڇڪا، پر واهه ماني مير جي!
متاه، سيرائيون، ساڪرو، ٻيلو، ٻُهارا ٻاڪرو،
ايمان آهي آڪرو، پر واهه ماني مير جي!
مُلان تہ ٻت، گهوڙا تہ ٻٽ، هي جي ڪشيا، رسيا تہ ڇهٽ،
هو جي وري ويٺا تہ ڇٽ، پر واهه ماني مير جي!
مُلان تہ ڦُل، گهوڙا تہ ٻُل، رڪ هُن تي جهُل، جو هُنڪي ڄل،
تنهن ۾ الهن ٻن جو نہ تُل، پر واهه ماني مير جي!
مُلان تہ ماني ماس سان، جهُولي نہ، هي جن واس سان،
ڀرلدو ڍڳي جي ٻاس سان، پر واهه ماني مير جي!
مُلان تہ ماني مفت جي، خواهش خوريش ۽ خُفت جي،
هي جنس جوڙي جُفت جي، پر واهه ماني مير جي!
مُلان تہ ماني موئي جي، ختمن تي مرندا ڪوئي جي،
پرواهه نہ پائي، پوهه جي، پر واهه ماني مير جي!
عالم اڪابر آهيون، لولن مٿي لڏ لاهيون،
مٺيو مکر ساراهيون، پر واهه ماني مير جي!
آهيون ٻتن جي ٻت ۾، عدون ميئي اڪ ڏيت ۾،
هاڏا سوين هن هيٺ ۾، پر واهه ماني مير جي!
ڇنٿين ٻڌو ڇيٽ مڻ مٿان، تهريون لہ وسرن تن ٿان،
ايمان صدقي ان مٿان، پر واهه ماني مير جي!

Scanned with CamScanner

خاصي ڪلهري جي خبر، او تون عنايت جا ابر،
موکون مليدا معتبر، ٻر واهه ماني مير جي!
موجون مڃايون ميوڙا، ڪشمش، قنڌاري، ڪيوڙا،
تن تان ٻلان ڪي اي وڙا، ٻر واهه ماني مير جي!
سيڪو سڏائي ٿو سٺي. سيڪو ڪري ڪارهين ڪٺي،
جوڙي پلاءُ، جهڙي هڻي، ٻر واهه ماني مير جي!
اڄ مغز ٻُڙ مغزيات، ڪان مالي، مکڻ، ميوات ڪان،
ڪاڍو ورون ٿا وات ڪان، ٻر واهه ماني مير جي!
تهري مٿي تحرير جي، طاقت وڏي تقرير جي،
دعوت دوا دلگير جي، ٻر واهه ماني مير جي!
سيڪيون پٽاري پان جون، ڪڳيون ٻہ ڪنيل خان جون،
سونگهون سڳوري ساڻ جون، ٻر واهه ماني مير جي!
طاقت طبيعت ۾ چڙهي، مسجد اڃا منهن ۾ مڙهي،
اهيئن ٿا چون آيت پڙهي، ٻر واهه ماني مير جي!
ورميا وهابي وات ڪان، روڪين جيڪي ڄاٽ تان،
هي پيٽ پنهنجو پاٽ تان، ٻر واهه ماني مير جي!
وحدت وهابين ڪي وٺي، پنهنجي تہ سڀ دنيا ڏٺي،
ٻاٽي، ٻٽر، ٻوڇيون هٿي، ٻر واهه ماني مير جي!
جو حق چوي هڪڙو خدا، سو ٿيو جماعت ڪان جدا،
مڇتا مٺڻ جي من مدعا، ٻر واهه مالي مير جي!
والي جهان ڪان، وڏ ولي، پيٽا ٻلن بهتر ٻلي،
واحد ڪنان وڃها ولي، ٻر واهه ماني مير جي!
ڪهڙي طمع توحيد ۾، تابع رهو تقليد ۾،
اڳتي ٻہ هوالدا عيد ۾، ٻر واهه ماني مير جي!

تارڪ رھو تقدير ڪان، ھٽ ڪير سمجھو پيو ڪان،
وهرون گهرو پيا وير ڪان، پر واهه ماني مير جي!
سومار ساگهر پيٽجي، پڙ ۾ هٿن پر ليٽجي،
مشڪل مڙوئي ميٽجي، پر واهه ماني مير جي!
ڪارهين ڪندا لهندو قرض، ڏيندا معافي سڀ مرض،
ڦوڙي فقيرن ذمه فرض، پر واهه ماني مير جي!
ڏپ ديگ داخل ڏين ۾، ڏوزا چڪاسيون چين ۾،
سر اوڇري اوڇين ۾، پر واهه ماني مير جي!
ماني مسلماني فقط، تنهن سان روحاني ربط،
پيو غم غريباني غلط، پر واهه ماني مير جي!
حق ڪنهن به هيٺي جو هجي، يا هارين جي هڙ ڪجي،
تنهن ۾ ڪڇون تان ڪيرلڇي، پر واهه ماني مير جي!
سنڌي سنا تن هڪ حرف، توحيد ڪان پئي برطرف،
سمجهن سنت سودا برف، پر واهه ماني مير جي!
ڪارهين ڪني تان ڏو ڪڙهي، سو جي وماڻي ورچڙهي،
رڪجوس لنئين سان لڙهي، پر واهه ماني مير جي!
ملاح جي ماني وڃي، ڏوهيڪ مولي ڪي مڃي،
پيٽيون پتن جون ڏو پچي، پر واهه ماني مير جي!
وريو وهاڻين جو ورق، پيڙو فقيرئ ۾ فرق،
غرضو ڏيا غم ۾ غرق، پر واهه ماني مير جي!
لاهور جو لالن لڪي، ان هٿ رفاقت ات رڪي،
ملاح ٻنيو مل سڪي، پر واهه ماني مير جي!
ويتر وزيرن جو عجب، سي پڻ ريا ۾ روز شب،
سيڪو سندن، ڪهڙو سبب؟ پر واهه ماني مير جي!

Scanned with CamScanner

'احمد' احد جي نام تان، آهي فدا اسلام تان،
انجو اثر اڄ عام تان، پر واهه ماني مير جي!

مناجات

يا الاهي! عالمن تي عام انعامون اٿي،
آئون سائلڙو سدا، طامع سندو تنهنجي سٿي،
مون کري مان ڀاڄهه جي، خالق م ڇڏ خالي کٿي،
صبح سانجهي سڏ ڪريان، ساعت ٻه ساعت سڄ لٿي،
مهر ڪر مالڪ سونهارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٿي.

ڪرم سان ڪيڏو قدر ڏئي، ٿوءِ نه قادر! ڪير ٻيئم،
حسن ۽ حق سين هيئون، هادي! هميشه هير ڏيئم،
بخش محبت پنهنجي مالڪ، مال ڪان منهن ڦير ڏيئم،
مير بخشي مر سمائن، ساه صاحب! سير ڏيئم،
ڪر تماشا طور وارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٿي.

مهربانيءَ سان مشڪل، ميٽ مون محتاج جو،
تون ڪان طالب آهيان، تحقيق واري تاج جو،
هٿ ڀڏي هادي! ڪيو، مون حال پنهنجي هاج جو،
رک نظر هردم هميشه، ڀانهڙي تي ڀاڄهه جو،
ڪر عنايت جا اشارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٿي.

بادشاهي تنهنجي برحق، بادشاه منجهه بحر ۽ بر،
جن مُلڪ سڀ ملڪ، تنهنجي مُلڪ مالڪ معتبر،
ڪر ڪرم ڪلتار! مون تي، ٿيس قابو منجهه قبر،
سور سانجهي ڪئي مٿم، سائين! ڏيارين سڄ صبر،
ڪي سندا توفيق تارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٿي.

Scanned with CamScanner

تو سري سڀڪنهن سوا، توري نه سڀڪنهن کي سري،
تو طرف محتاج ماڻهو، جن ملڪ حور و پري،
تنهنجي بخشش سان بيشڪ، ٿا تکن بحري بري،
منهنجي داور! دانهن تو سين، ڪيم ڏڪ در تان وري،

ڪير ڏرڪندو هٿ تو ڏارا، مون مٿيءَ جي مُٺ مٿي.
ڪا ڳجهڙي هئي گفتگو، تنهنجي اندر روزِ الست،
تون ٿئين مستور موٽي، آئون انهيءَ سان مست،
دير دوري ۾ وڌي ٿي، تو وٺين داور! نه دست،
ان خيالن يا خدا! خاطر سندم ڪئي آهي خست،

ويا ٻري ٻارڻ ٻارا، مون مٿيءَ جي مُٺ مٿي.
ڪرم تنهنجا ڪيترا، قربان قدرت تان ٿيان،
منجهه عنايت عام تنهنجي، عمر آڪا! تو نيان،
تو هٿان پوشاڪ پايان، تو هٿان ماڻي پيان،
تو سوا ٻي خلق جو، خالق نڪين ڪو ميان، ڪيان،

مُفت نه ٻه هي مٿلڪ مارا، مون مٿيءَ جي مُٺ مٿي.
مون لهي هڪدم هئين تان، ڪين هادي! تو حضور،
آهي منجهه ارواح منهنجي، آه! آڏي ۾ امور،
لاهي ڏڄ تان ڏار، ڏر سر، پر نه در ڳان ڪار دور،
پاڻ مون سان ڪر مدد، تان ڪو سگهي ماري نه مور،

خواه ورن ويري ويهارا، مون مٿيءَ جي مُٺ مٿي.
منجهه جبل جبار واهيان، جر اڪين مان جال جاڪ،
هي حضوران دور پنجي، تشم هڙا حال حال،
همدمي هادي! تو سان، هر وقت هئي شال شاڪ،

تــو سوا سائين! ٿيم سؤ سور، ڪيندي سال سال،
ڪي وصل جا وار وارا، مون مٺيءَ جي مُٺ مٺي.

منجهه ڪسن گمراه ٿيو گهاٽيون ڪيان گهويو گهڻون،
پهڻ ۾ لاهم پٽو تو ساڻ ڪنين ارلديم پٽون،
سال سارا ويا لنگهي صحبت ڳنڍين سانئيم نه تون،
موت جون مولڪي لڳن ٿيون هاڻ موچاريون مٿون،
ٿيا گنگهر توري گذارا، مون مٺيءَ جي مُٺ مٺي.

نفس شيطان شهوتون مون ساڻ شامل صبح شام،
ٿيم ناڪاري سبب نقصان منجهه ناموس نام،
عرض سڻ احسان ڪر الله عالم جا علام،
ميٽ مديون نه ته ڪندو ميوو نه منهنجو وڻ مُدام،
جي پيا هن طرح پارا، مون مٺيءَ جي مُٺ مٺي.

پهچ پرور! ڪيس پهڻ ٻوت ٻرزا پائمال،
تون ملين مالڪ مٺا! پيو مون نه گهرجي ملڪ مال،
ڪڍ ڪچائي قلب مان ڪل قرب ڏي قادر ڪمال،
جيءُ جدائيءَ ۾ جليم ڏيکار ڪو جلوو جمال،
لائي نوراني نظارا، مون مٺيءَ جي مُٺ مٺي.

منجهه سُڪي ٿو سير تو لئي ساه صاحب! ڏئي سٽون،
ڳهلڙي جي ڳالهه ٻُڌ، جنهن ڳل ڳچيءَ ڳانا ڳٽون،
پيڙ پٽين لاهه باري! جت ٻنهن جي ٻر ٻٽون،
هڪ نٽوڙون لوڪ مون لاشي تي لاشڪ، پيون لٽون،
اٿ ڪڇي پارت توهارا، مون مٺيءَ جي مُٺ مٺي.

Scanned with CamScanner

تون سڄي عالم کي آڪا! تون نپائين نت ميان!
ڏات مون هڪ تي تو وٽ ڏاتار ڏاڍي ڏٺ ميان!
هٿ نه هيٺي تان ڪنج هادي هٿي ۽ هٿِ ميان!
تو ٻڪر ٻلڪل نه منهنجو ٻروسو ۽ ٻيت ميان!
لطف تنهنجا لک هزارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٺي.

دل مٿان داور ڏٺي! ڪر دور درماندائيون،
وڍ وڇوڙي کي وڃان، ڏي وصل جون واڌائيون،
تو اڳيان اظهار منهنجون عاجزيون اپرائيون،
اي سين ڏاڍن ۾ ڏاڍا! ڇڏ ڏمر ڏاڍائيون،
قهر ڪهڙو ڪهل وارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٺي.

عرض "احمد" ٿو ڪري الله اهنگي لاهه مون،
يا قريشيءَ پار قادر ڪي ڪندي تان ڪاه مون،
روز وٽ روضي رسول الله يا رب راه مون،
ڪوٽ ڪلمون ڪر قبر ۾، ڪم قبن مان ناه مون،
ڇا ڪندا مارِيون متارا، مون مٺيءَ جي مٽ مٺي.

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

ايڊمن: صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner